شاه سائين جو رسالو

ڪلياڻ آڏواڻي جي مرتب ڪيل رسالي ۽ بيتن تي شامل پهرين اليڪٽرانڪ انٽرنيٽ ايڊيشن

ترتيب ۽ پيشڪش

عبدالماجد ڀرڳڙي

نومبر 13 2004

ڀانهن ڀيلي ۽ مددگار
احمد چنڊ
شاهنواز سومرو
محمد حبيب سنائي
عبدالرحيم نظاماڻي
فقير اسلح علي قلباڻي
عاشق حسين نظاماڻي ۽ رشيد ڀرڙو

---

majidbhurgri@yahoo.com

عرض حال

الحمدلله شاه سائين جي رسالي جي انٽرنيٽ ۽ ورلڊ وائِيڊ ويب تي اليڪٽرانڪ اشاعت جو ڪم، جيڪو مون چند مهينا اڳ شروع ڪيو هو، سو ڌڻي جي ٻاجهه، شاه سائين جي روحاني فيض، بزرگن، وڏڙن ۽ گهڻگهرن جي دعائن، ۽ ڀانهن ڀيلين جي همت ۽ محنت سان پايئه تڪميل کي رسيو.
مون اڄ کان سترهن سال اڳ سن 1987ع ۾ سنڌي ڪمپيوٽنگ جي سلسلي ۾ ڪم شروع ڪيو هو، جنهن جي نتيجي ۾ پهريون ڀيرو سنڌي ڊيسڪ ٽاپ پبلشنگ وجود ۾ آئي ۽ اخبارون، ڪتاب، رسالا ايپل جي مئڪنٽوش ڪمپيوٽرِ تي ڪمپوز ۾ ٽائيپسيٽ ٿيڻ لڳا. سال 2001ع ۾ مون سنڌي کي ونڊوز ۾ يونيڪوڊ جي انٽرنيشنل معيار موجب آندو ۽ انهي کي پوءِ مون سنڌي جي انٽرنيٽ ۽ ڪمپيوٽر تي استعمال ۾ ترويج (واڌاري) لاءِ وِت آهر پئي ڪوشش ورتي آهي. مونکي پنهنجي هن ٻن ڏهاڪن تي

محيط کوشش □ محنت جو کجھ اجورو شروع □ ان خوشي جي روپ □ مليو، جڏھن مون اخبارون □ کتاب □ کمپيوٽر ذريعي کمپوز ٿي شائع ٿيندي ڏٺا. پر مونکي مکمل اجورو اڄ مليو آھي جڏھن شاھ سائين جي رسالي جي انٽرنيٽ تي ھي اليکٽرانک اشاعت ممکن ٿي آھي.

پوين چند مھينن دؤران، شاھ سائينءَ جي بيتن جي اينٽري کندي، □ دوستن جي کيل اينٽري جي پروف ريڊنگ کندي، مونکي سائينءَ جي کلام جي مطالعي جو موقعو مليو. مان ان سعادت جو مُلھه بيان نه ٿو کري سگھان. سائينءَ جي ان سٽ، "جي تو بيت ڀانيا..."، جي لفظي نه بلک معنوي مطلب جي ھلکي چاشني جيکا مون کي چکڻ لاءِ ملي، اھا ئي منھنجي محنت جو وڏي □ وڏو ثمر آھي. سندن کلام دانش □ ڏاھپ جو ھک املھ خزانو آھي □ اھا اسان جي وڏي بدنصيبي آھي جو ان جي ھوندي به اڻھوندا آھيون.

جيئن ته ھي اليکٽرانک ايڊيشن کلياڻ آڏواڻي جي مرتب کيل شاھ سائين جي رسالي جي آڌار تي جوڙيو ويو آھي، تنھنکري ان □ سائينءَ جا سپ بيت شامل نه آھن. انھي ايڊيشن جي استعمال جو مکيه سبب ھي ھو ته مون وٽ آمريکا □ ٻيو کو غلطين کان آجو ڇاپو کو نه ھو □ مون ڀاڻ □ ايتري اھليت کانه پئي ڀانئي جو ڊاکٽر گربخشاڻي صاحب جي مستند ايڊيشن (جيکو ٻيو واحد ڇاپو مون وٽ ھو) جيکو سنڌ ثقافتي اداري کمپيوٽر تي کمپوز کري ڇپرايو ھو، ان □ موجود بيشمار غلطين کي درست کري سگھان. ان کري مون اھو ئي فيصلو کيو ته في الحال مختصر ايڊيشن سان ئي سھي ابتدا ته کجي □ پوءِ اڳتي ھلي ان □ واڌارو آڻي سپ شعر شامل کرڻ يا کنھن ٻئي مستند ايڊيشن کي انٽرنيٽ تي آڻڻ جي کوشش کبي.

ھن رسالي جي سموري اينٽري اھڙن دوستن کئي آھي، جن جو (ھک يا ٻن کي ڇڏي) پيشو کمپيوٽر کمپوزنگ نه آھي. پر انھن ايتري ته محبت □ محنت سان اينٽري کئي آھي جو غلطين جو امکان تمام گھٽ رھيو آھي. مون پنھنجي طرفان انھن جي پروف ريڊنگ □ غلطين دور کرڻ جي پوري کوشش کئي آھي،

پر ته به غلطين جو امڪان پنهنجي جاءِ ته آهي. ان جا ڪيئي
سبب ٿي سگهن ٿا: آڏواڻي صاحب جي غلطي، جنهن ڇاپي کي
مون استعمال ڪيو آهي ان جي ڪمپوز ڪرڻ وارڻ جي غلطي،
۽ اينٽري جون اهي غلطيون جيڪي منهنجي نگاه کان رهجي
ويون، انهن سڀني جو امڪان ۽ احتمال پنهنجي جاءِ تي موجود
آهي. منهنجي سڀني دوستن کي گذارش آهي ته غور سان
مطالعو ڪن ۽ جيڪي به چُڪون ۽ غلطيون ڪين نظر اچن انهن
جي نشاندهي ڪن تاڪِ انهن کي درست ڪيو وڃي.
مون هن رسالي جي طباعت لاءِ خاص ٽائپ فيس ترتيب ڏنو
آهي جنهن ۾ مون اعرابن ۽ نشانين جي بيهڪ جي لحاظ کان
موزونيت تي خصوصي توجه ڏني آهي. پر ان ۾ به اوڻاين جي
گنجائش رهي ٿي جن مان ڪي مڪمل طرح سان ته ڪي ڪنهن
حد تائين درست ڪري سگهجن ٿيون. ان لاءِ به اوهان دوستن
جي راءِ ۽ مشورن جي لاءِ مون کي انتظار رهندو. توهان هن
رسالي جا ڪجھ صفحا ليزر پرنٽر تي پرنٽ ڪري ۽ ٽائپ فيس
جي باري ۾ پنهنجي رايي کان مطلع فرمائيندا.
هن رسالي جي انٽرنيٽ تي اشاعت هڪ خواب ئي رهي ها
جيڪڏهن دوست هن ۾ پانهن ڀيلي ٿي رسالي جي اينٽري جي
اينٽري ۾ منهنجي مدد نه ڪن ها. ٽيهن مان ٽي سر مون اينٽر
ڪيا، باقي ستاويهه سُر انهن دوستن جي مهرباني سان مڪمل
ٿيا. سڀني کان وڌيڪ مان محترم احمد چنڊ صاحب جو ٿورائتو
آهيان جنهن رسالي جو تقريباً اڌ حصو اڪيلي سر ڪمپيوٽر تي
لکيو. جن ٻين دوستن بنا اجوري جي اهو محبت جو پورهيو ڪيو
۽ جيڪي اسان سڀني جي بيشمار نيڪ تمنائن ۽ بيحساب دعائن
جا حقدار آهن سي آهن:
شاهنواز سومرو صاحب
محمد حبيب سنائي صاحب
عبدالرحيم نظاماڻي صاحب
فقير اسلح علي قلباڻي صاحب
عاشق حسين نظاماڻي ۽ رشيد ڀرڙو صاحب
هن رسالي جي مواد کي استعمال ڪرڻ ، ڇاپڻ، ورهائڻ وغيره
جي سڀني کي اجازت عام آهي. رڳو ايترو عرض آهي ته جن

محبت جو پورهيو ڪري هن رسالي ڪي ترتيب ڏنو آهي، انهن جا
نالا يا ذڪر انهي مان حذف ڪيا يا ڪڍيا نه وڃن، ته جيئن
پڙهندڙن وٽان انهن ڪي اجر دعائن جي صورت ۾ ته ملي.
هڪ ڀيرو وري آءٌ الله پاڪ جو ٿورو ادا ڪرڻ جي مُڏي ڪوشش
ٿو ڪيان جنهن جي مرضي کان سواءِ هڪ پن به چُري نه ٿو
سگهي ۽ جنهن هي قابل قدر ڪم مون هِيٺي جي نصيب ۾ لکي
منهنجي هٿان ڪرايو. ڀٽ جي سائين، جنهن جو ڪلام مون هن
ريت دنيا جي هر ڪنڊ ۾ پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، تنهن جي
فيض جي شامل حال هجڻ جي اها نشاني آهي ته اهو ڪم
ممڪن ٿيو. هن ڪم جي پايه تڪميل تي پهچڻ لاءِ مان پنهنجي
والدين جو بيحد شڪرگذار آهيان ڇا لاءِ ته سندن دعائن کان بغير
مان ڪجھ به نه آهيان ۽ نه ئي مان ڪجھ ڪري سگهڻ جو اهل
آهيان. مان پنهنجي اهليه ۽ پنهنجي ٻارن جو به شڪرگذار آهيان
جن منهنجي هر لمحي تي همت افزائي ڪئي ۽ مون کي اهڙو
ماحول مهيا ڪيو جنهن ۾ هي سڀ ممڪن بڻيو. مان پنهنجي پٽن
عبدالمصور، عبدالباسط ۽ عبدالباري جو ذڪر جيڪڏهن نه ڪيان
ته شڪرادائي نامڪمل رهجي ويندي. مان وڏي نصيب ۽ ڀاڳ
وارو آهيان جنهن کي الله تعالىٰ اهڙي اولاد عطا فرمائي آهي.
منهنجن پٽن مونکي هر قسم جي مالي فڪر ۾ ڳٽني کان نه رکيو
آجوڪيو، بلڪ مون تي بار وڌائون ته ڪا نوڪري ڪرڻ جي
بجائي اهو ڪم ڪيان جيڪو منهنجو من ٿو چاهي. جيڪڏهن غم
روزگار، نوڪري يا ڪاروبار جا جهميلا هجن ها ته پوءِ به شايد
هي ڪم مون کان نه ٿي سگهي ها. ان چوڻ جي ڪا ضرورت
ڪانهي ته انهن اهي سڀ وسائل به مونکي مهيا ڪري ڏنا
جيڪي هن ڪم لاءِ گهربل هئا. منهنجي روئنئين روئنئين مان انهن
لاءِ دعا ٿي نڪري.

ناچيز
عبدالماجد ڀرڳڙي
14 نومبر 2004

-

سر ڪلياڻ

-
- سر يمن ڪلياڻ
- سر کنيات
- سر سريراڳ
- سر سامونڊي
- سر سهڻي
- سر سسئي آبري
- سر معذوري
- سر ديسي
- سر ڪوهياري
- سر حسيني
- سر ليلا چنيسر
- سر مومل راڻو
- سر مارئي
- سر ڪاموڏ
- سر گهاتو
- سر سورٺ
- سر ڪيڏارو
- سر سارنگ
- سر آسا
- سر رپ
- سر کاهوڙي
- سر بروو سنڌي
- سر رامڪلي
- سر ڪاپائتي
- سر پورب
- سر ڪارايل
- سر پرڀاتي
- سر ڏهر
- سر بلاول

سُر ڪلياڻ

سُر يمن ڪلياڻ

داستان پهريون

1

توں حبيبُ، توں طبيبُ، توں دَردَ جي دَوا؛
جانِبَ! منهنجي جِيءَ □ آزَرَ جا اَنوا؛
صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضنِ کي.

2

توں حبيبُ، توں طبيبُ، توں دارُون کي دَردَنِ؛
توں ڏِئين، توں لاهِئين، ڏاتَرَ! کي ڏُکندَنِ؛
تڏهين ڦَڪِيُون فَرَقُ ڪن، جڏهين اَمرُ ڪريو اُنِ کي.

3

هَڻُ، حبيبَ! هَٿُ ڪٽِي، ٻَنگان لهِي ٻاڻُ؛
ماڳِهين مون مِنهُن تِئي، جهولِيءَ وِجهان پاڻُ؛
اِنَ پَرِساجَنَ ساڻُ، مانَ مُقابلو مون تِئي.

4

جِت حبيبَ هَٿنِ، نائُڪَ پَري نِينهن جِي؛
تِتي طبيبنِ، وِڃا وجي وِسري.

5

هَٿِين جي حبيبَ! محبتِي مَيا ڪري؛
پُڇان ڪينَ طبيبَ، هوند گهائَنِ سين تِي گهارِيان.

6

ڪانارِيا ڪُٽِڪَنِ، جنِين لوهُ لِڳَنِ □؛
محبتَ جي ميدانَ □، پيا لالَ لُڇَنِ؛
پاڻَهين ٻَڌنِ پَٽِيـُون، پاڻَهِين چِڪِيا ڪَنِ؛
وَڻان واڍوڙِيَنِ، رهِي اَڄجي راتڙِي.

7

رهي اَڄجي راتڙِي، تِن واڍوڙِين وَٽاءَ؛
جن کي سورُ سريرَ □، گهٽَ مَنجهاران گهاءَ؛
لِڪائي لوڪاءَ، پاڻهين ٻَڌنِ پَٽِيُون.

8

اَڄُ پڻ ڪَنجَهو ڪَنجَه، واڍوڙَڪِيءَ مَنَهِينءَ؛

جهُ پڻ پِيـيَنِ سَنجَهه، هُو پِنِيُون هُو پَتِيـُون.
9
سَگَهنِ سُڌِ نه سُورَ جِي، گهايَلَ ڪيئن گهارِينِ؛
پِيَلَ پاسو پَٽَ تان، وادِوڙَ نه وارِينِ؛
پَرِ ۾ پَچَنِ پِرينءَ لَئي، هَئي! هَنجُون هارِينِ؛
سَڄَڻُ جي سارِينِ، تن رويو وِهامي راتڙي.
10
سَگَهنِ سُڌِ نه سُورَ جِي، تا رُنڪَن رَنجُوري؛
پيا آهن پَٽَ ۾، مَتِن مامُوري؛
لڳين لَنؤ، لَطِيفُ چَئي، سَدا جِي سُوري؛
پِرتِ جن پُوري، تن رويو وِهامي راتڙي.
11
آيَلِ! اُنِ نه وِسَهان، هَنجُون جي هارِينِ؛
آڻيو آبُ اَکِينِ ۾، ڏيهه کي ڏيکارِينِ؛
سَڄَڻُ جي سارِينِ، سي نڪي روئن نه چون ڪِي.

وائي
وِرسِيا ويجَ ويچارا! دِل ۾ دَردُ پِرِينِ جو؛
اُٺِيو ويڄا! مَ وهو، وَڃو ڏَبَ ڪٽِي؛
پُڪي ڏيندا پاڄَهه جي، آيا سُورَ ڏَٽي؛
آيا جيءَ جِيارا، دِل ۾ دَردُ پرِينِ جو.

داستان پيو
1
تَنَ طبيب نه ٽُون، سُڌِ نه لهين سُورَ جي؛
ساندِ پنهنجا ڏَبَڙا، ڪَڏَ ڪٽي ۾ پُون؛
ڪانَ ڳُهرجي مُون، حياتِي هوتَنِ ري.
2
ويڄنِ سين وائِيءَ پِيا، ڪِري نه ڪيائون؛
جي پَندِ پارِيائُون، ته سِگهائي سَگها ٿِيا.
3
آهي گَهٽو اَگَهنِ جو، تَرسُ طبيبنِّ؛

ڪيو وَسُ ويڄنِّ، تان ڪِريءَ ري ڪينَ ٿئي.
4
پاڙي ويجَ هُئام، تان مون مُور نه پُڇيا؛
تيلاهين پيام، مورَيسرَ اَڪين ￼.
5
هاريا! تو هِرِي، ڪُپَڇُ ڪايا سين ڪيو؛
ڪَرِئين جي ڪِرِي، ته تون تَوانو ٿئين.
6
جي پائِين پِرِينءَ مِڙان، ته سِڪُ چوران ڪِي ڏاتِ؛
جاڳُڻُ جَشَنُ جن ڪي، سُڪُ نه ساري راتِ؛
اُجِهي بُجِهي آئيا، وائي ڪَنِ نه واتِ؛
سَلِي سُوريءَ چاڙهيا، بيان ڪَنِ نه باتِ؛
توڻي ڪُسَنِ ڪاتِ، ته به ساڳِي سَلَنِ ڪينَ ڪِي.
9
تڙِي طبيبنِّ، گهايَلُ گَهران ڪَڍيو؛
چِڪيا چاڪَ چِيهُون ڪري، ڪَڙيُون مور نه ڪَنِّ؛
دوستَ جي درسنَ سين، پَئي ٿارُ ٿَپَنِّ؛
وِرِچِيو ويجَ وَجنِّ، آءُ ته پِريَمِ! اُبَهان.
8
وَڍِي جَن وِڍياسِ، وَري ويجَ ئِي سي ٿِيا؛
ٽُرڻُ ٻَڌائُون پَٽِيُون، روزِ ڪيائُون راسِ؛
هِينئڙا! تنِين پاسِ، گهارِ ته گهايَلُ نه ٿِئَين.
9
ويجَ! مَ ٻُڪِي ڏي! اَلا چَڱِي مَ ٿِيان!
سَڄَڻُ مانَ اَچِي، ڪَرَ لاهُو تِي ڪَڏِهِين.
10
هُئين ته ويڄنِ وَٽِ، تون ڪِئن جِيءَ جَڏو ٿِئين؟
سِرُ ڏيئي ￼ سَٽِ، ڪُهه نه ڪَيءِ ڏِبَڙا؟
11
ڪُنِيس ڪُويڄَنِّ، تَنَ طبيبَ نه گڏيا؛
ڏيئي ڏنپَ ڏَڏَنِّ، پاٽان ڏِيلُ ڏکوئِيو.
12

تَرسُ طبيبنِّ جو، جَذَنِ ڪيو نه جاتِ؛
جو ويڇنِ جي واتِ، دارُونئان تنهن دُور ٿِيا.
13
دارُون □ ڪارُون، جان ڪِي ڪيا ويڄَ مون؛
ٻُڪِي ڏيندا ٻاجَهه جِي، نِهاري ناڙُون؛
جن جون سيڻَ لَهنِ سارُون، تن تان ڏُکندو ڏُور ٿئي.
14
اَڳَهن مِڙِي اَڄُ، ڪيو سَڏُ صِحَتَ ڪي؛
ڏُور، ڏُکندا! ڀَڄُ، مِهريءَ مُنهن ڏيکاريو.

وائي
اَچِي سارَ لَهيجِ، ساجَنَ سُورَ تُماري آئوُن ماري!
سُورَ تُماري جي مَران، تان مُون ڏوهُ مَ ڏيجِ؛
ڏَبَنِ ڀَري هَٿَڙا، دارُون، دوست! ڪَريجِ.

داستان ٽيون
1
هَيءِ هَيءِ! وَهي هاءِ، مَنَ □ محبوبنِ جِي!
جيرا جوشَ جَلائِيا، ٻُڪين ٻَري ٻاهِ!
پَسو مَڇَ مَٿاءِ، جي ويساهَ نه وِسَهو!
2
ڪاندِين ٿاندِين ٻاٻُرين، پَچان مَرُ پيئِي!
جيرا، جِگِرَ، ٻُڪِيُون، سيخُنِ □ ٿيئِي!
ويڄَنِئون ويئِي، ٿِي وهِيٺِي سَڄَٽين!
3
سَرُ جو سَڄِيو سَڄَٽين، ٻِيهَرَ ٻاڻُ ڀَري؛
چِمڪِيو سو چوهَ مان، ڪَڙ ڪَڙ ڪانُ ڪَري؛
جيرا، جِگِرَ، ٻُڪِيُون، لنگهي پِيو پَري؛
لڳو جِيءَ جَڙي، تاڙِيان، تِيرُ نه نِڪري!
4
پُڇُ پَتنگنِ ڪي، سندِيُون ڪامَڻَ خَبَرُون؛
اَٽِيو وجَهنِ آڳِ □، جِيءُ پَنهنجو جي؛

جيري جنِين جي، لڳا نيزا نِينهَن جا!
5
پتنگ چائِين پاڻَ کي، ته اَچي آڳِ اُجهاءِ!
پَچَڻَ گهٽا پَچائِيا، تون پَچَڻَ کي پَچاءِ!
واقُف ٿِي وِساءِ، آڳِ نه ڏِجي عامَ کي.
6
پَتنگُ چائِين پاڻَ کي، پَسِي مَچُ مَ موٽُ!
سَهائِيءَ سُپيرين جي، گِهڙُ ته ٿِئين گهوٽُ!
اَچا تون اَروٽُ! کُوري خَبَر نه لهِين!
7
پَتنگَن پَهُ ڪيو، مِڙيا متي مَچَّ؛
پَسِي لَهسَ نه لِڇيا، سَڙيا مَٿي سَچَّ؛
سندا ڳِچين ڳَچَّ، ويچارن وڃائِيا.
8
جي تَتو تَنُ تنُورَ جئن، ته چَنڊي ساڻُ چَماءِ؛
آٽي آڳِ اَدب جي، ٻاري جانِ جلاءِ؛
بُرقعان اَندرِ بازيون، پنهنجو سِپ پچاءِ؛
لُچَڻُ لنؤُ، لَطِيفُ چئي، پَڌرِ هَڏِ مَ پاءِ؛
متان لوڪ لَکاءِ، وصالان وڃ پَئي!
9
اچا تَـنُوران، ڪالهه ڪڍيائون سچٽين؛
پڻ تايائون تڪڙو، وحدت جي وَڌان؛
محبتين مٿان، مچُ مُورائينِ نه لهي!
10
پَچائي پَهاڻُ، جن رِساٽيو رُڪَ کي؛
تنين سندو چاڻُ، آهي آڳَڙيُنِ کي.
11
ڏنءُ ڏنءُ ڏَمڻَ وار، اڄ پڻ آڳَڙين جي؛
ٻاري مچ مَجاز جو، اوتيائون اڱارَ؛
ڏُوڏا! ٿِيُ مَ ڏارَ، جِمَ ڪَچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.
12
ڏُوڏا! تون نه ڏَئِين! آڳِ اوڏو نه وڃين!

اُلا جي عشق جا، سي تان تون نه سَهِين!
اُپو اِئن چَئِين، ته آئون آڳَڙيو آهيان!
13
سِرُ سانداڻ ڪري، پُڇج گَهرُ لهارَ جو!
ڌَڪن هيٺ ڌري، مانَ گَڏينئي رُڪَ سين!
14
سَهِين جئن سانداڻ، ڌَڪن متي ڌَڪڙا!
وَهِ وِجائي پاڻ، ڏي ڏَہائون ڏُگَرين.
15
اَڄ آڳَڙيا آئيا، سُوڌا سِراڻِي؛
پياري پاڻِي، تيغُون ڪندا تکيون.
16
اَڄ آڳَڙيا آئيا، سائُو ڪي سُڄاڻ؛
لاهِيندا مُورياڻَ، رُڪُ ڪَرِيندا پڌرو.
17
سَرها ڏنم سي، جن ساڃاءَ سِراڻِ سين؛
تيغَ تنِين جي ڪي، ڪَٽُ نه لڳي ڪڏهين.

وائي
جِيءُ جياريو، جِيءُ جياريو، ڪين منهنجڙو هاريو؛
پِرينِ جِيءَ پَچار، سيڻن جِيءَ سنپارَ، جَڏڙو جِيءُ جياريو؛
اُجيو تن عَمِيق مان، پِريُن پُوڄَ پياريو؛
مرضُ مريضن تان، اِشارِي ساڻ اُتاريو؛
ڪَرَمَ ڪريمن جي مون ڪي، اَهُڪِيءَ مان اُڪاريو؛
سنئون مُنهن ڪري، سپرين! اَئِين نرمل نورَنهاريو؛
سائلن جِئن سڌ ڪري، اَئِين طالحن ڪي تاريو.

داستان چوٿون
1
ايک پيالوِ! به جِٽا! عشق نه ڪري اِئَن!
ليکيا جي لِکَڻ ، سي قرب رسندا ڪيئن؟
هُئڻ ڪيا هِيئَن، وانجيا، پَسُ! وِصال کان.

2

ايڪ پيالو! ٻه ڄڻا! عشق نه ايئن ڪري!
آتِي سي ايڪ ٿيا، جي ڳتا نينهن ڳري؛
دوئِي ڏار ڏري، جهُ خُلّت خنجر آئيو.

3

ايڪ پيالو! ٻه ڄڻا! عشق نه ڪري اَڏَ!
اِيَ تان، ساعر! سَڏَ، ڪَيَءِ جا قَوال سين.

4

قاتلَ ڪمائِي ڪري، وَهُ ماکي جي ڪن؛
وٺان ويهِي تن، پِيجِ ڪي پياليون.

5

هوندو هَڏِ مَ سَنڌِ، لاءِ پياڪَن پانهنجو؛
پوڄَ پيارج پَنهِيڙا، ويندا وٺيو ڪَنڌِ؛
ته هَٿَ تنهنجي هنڌِ، موکي! ڪو مانُ لهي.

6

هوندو هَڏِ مَ رَڪُ، لاءِ پياڪَن پانهنجو؛
وٺِي واٽاڙئن ڪي، تان پياري پَرَڪُ؛
سا لِڪَ لهي ٿي لَڪُ، جا تو ايندي اُنِ سين.

7

ڳَهٽَنِ ڳُهٽِڪَنِ، وَٽيُون پِيَنِ وِهَ ڳاڏيُون؛
بَرخِيز بده ساقِي! پيار ڳي پِريَن؛
پِڪين نه پرچن، مٺ تڪيائون مَنجهيان.

8

آٽي اُتر واءَ، موکيءَ مٺ اُپٽيا؛
مَتارا تنهن ساءَ، اَچن سِرَ سَنباهِيو.

9

وجهج واٽاڙُئن تي، ميخاني جي ماڪَ؛
ٿيندي سُڌ سيڪنهين، هنڌ هنڌ پوندي هاڪَ؛
پِره جا پياڪَ، جُه سي اَڳَٹ آئيا.

10

جُه سي اَڳَٹ آئيا، ته سَرو ڪندا سُڄ؛
سائِي ٿِيندين اُڄ، هي پِيتو! هُو آٽ ڪِي!

11
موڪِي چوڪِي نه ٿئي، اصل اوچِي ذات؛
وَٿيون ڏيئي واتِ، مَتارا تنهن ماريا.
12
مَتارا مري ويا، موڪِي! تون نه مَرِين!
ڪيهِيءَ پَرِ پَرِين، ڏُڪِي! ڏاتارن ري؟
13
مَتارا مري ويا، موڪِي! تون بِي مَرُ؛
تنهنجو ڏوسُ ڏمرُ، ڪونَ سهندو اُنِ ري!
16
سَري ڪين ڪيونِ، وينَ موڪيءَ جي ماريا!
ڪو جو سخن ڪلال جو، پِتي تي پيونِ!
تِهان پوءِ ٿيونِ، مرڻ مَتارنِ کي!
15
ڪَنڌ ڪَٿارو، مُنهن وِٽِي، عادت سندين اِيَّ؛
تنين تِڪُون ڏنيون، جُنبِي منجهان جِيَّ؛
سرو تن سَبِيّ، جَن حاصل ڪيو حال کي.
16
موڪِيءَ مَنو نه گُهريا، وِهُ نه وِهاٽيا؛
سُرڪِيءَ ڪاڻ، سيَّد چئي، اُتي ٿِي آٿِيا؛
جي ڳالهين ڳنگاٿِيا، تن بَنَنِ پاسي بُنيون.
20
سِرُ ڏيئِي سَتِ جوڙ، ڪنهن پَرِ ڪَلالن سين!
ڪاتِي ڪَرتُ ڪپار □، خَنجَرُ آٽي ڪوڙ!
مَرٽان مُنهن مَ موڙ، وَٽِي ٿِي وڌِ لهي!
18
وَٽَ وَٽَ وٽِيءَ □، مَٽَ مَٽَ مَنڌُ پيو؛
قدر ڪيفَ ڪلال جو، پِياڪَن پيو؛
اَچن دُرسُ دڪان تي، ڪَنڌَ قبول ڪيو؛
سُرها سِرُ ڏيو، چَکَن سُرڪَ سيَّد چئي.
19
ڪلالنئونءَ ڪاءِ، مَتِ نه سِڪِين مون هِنئان!

روئندي رات وِهاءِ، چِڪائِيندي بَنيُون!

وائي
دوسُ پيهِي در آيو، ٿيو ملڻ جو ساعيو؛
ڏِينهين پُڄاڻـؤن اَٿي اسان ڪي، مولي مُحب ملايو؛
ويو وِڇوڙو، ٿيو ميلاپو، واحد واءُ واريو؛
هو جَنهِين جو ڏَسُ ڏُوراڏو، اوڏو اَڄ سو آيو؛
عَبدُاللَّطِيفُ چئي، اَچِي عجيبن پاڻ فَضلُ فرمايو.

داستان پنجون
1
صوفِي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيارَ؛
بازي بازِندنِ ڪي، آهي اَويسارَ؛
پِريا سين پَهڪارَ، رِندِيءَ رَساڻي ڪيا.
2
صوفِيءَ سيرُ سِڀِن □، جئن رڱن □ ساه؛
سا نه ڪري ڳالهڙِي، جئن پويون پروڙي پساه؛
آهِس اِيُ گناه، جي ڪا ڪَري پَڌرِي.
3
ڏِني ڏُکويا، اَڻ ڏِني راضي ٿيا؛
صوفِي تي ٿيا، جئن ڪِينَ ڪنيائون پاڻ سين.
4
صوفِي لاڪوفِي، ڪونَ پانئيس ڪيرُ؛
منجهيان ئِي مَنجِهه وڙهي، پڌر ناهِس پيرُ؛
جنين ساڻس ويرُ، تئي تنين جو واهَرُو.
5
صوفِيءَ صاف ڪيو، ڏوئِي ورق وُجُود جو؛
تِهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.
6
صوفِي چائِين، سَدَ ڪرين! صُوفين اِيَ نه صلاحَ؛
ڪاٽي رک ڪُلاهَ، وجهه اُچلي آڳِ □.
7

جي ڪُلاهَ رکين ڪنڌ تي، ته صوفي سالم ٿِيءُ؛
وِه وٺِي هٿ ڪري، پُر پيالو پِيءُ؛
هَنڌُ تنِين جو هِيءُ، جن حاصل ڪيو حال کي.
8
جُسي □ جَبّار جو، خَفِي خِيمو کوڙ؛
جَلِّي تون زبان سين، چار ئِي پهر چور؛
فڪر سين فُرقان □، اِسمِ اعظم ڏور؛
ٻيا در وجي مَ ووڙ، اِيُ اَمُلُ اِئائِين سَپَجي.
9
عالَم آئوُن ساڻ، پَريو ٿو پيرَ ڪري؛
پاڻ نه آهي ڄاڻُ، ماندِيءَ مَنڊُ پڪيڙيو.
10
طَالِبُ ڪٿَرَ، سونهن سَرُ، اِيَ رومِيءَ جِي رُوءِ؛
جنِين ڏٺي جُوءِ، تني ڪُڇيو ڪين ڪِي.
11
طَالِبُ ڪٿَرَ، سونهن سَرُ، اِيَ رومِيءَ جِي راءِ؛
ماڙهُو اِتِ ڪِياءِ، مَنڊُ نه پسين مَنڊيو!
12
طَالِبُ ڪٿَرَ، سونهن سَرُ، روميءَ چيو آهي؛
تاڙِي جي لاهي، ته مَنجِهين مُشاهدو ٿئي.
13
ظاهر □ زاني، فِڪرَ منجھ فنا ٿيا؛
تنين کي تعليم جِي، ڪُڙه اندر ڪانِي؛
حرفُ حَقّانِي، دَورُ ڪيائون دل □.
14
جن کي دَورُ دَردَ جو، سبق سُورَ پڙهڻّ؛
فِڪرَ فَرَهِي هٿ □، ماٺ مُطالع ڪڻّ؛
پَنو سو پڙهڻّ، جنهن □ پَسن پِرينءَ کي.
15
سا سِٽَ نه سارينِ، اَلف جنهن جي اَڳِ □؛
ناحَقُ نهارينِ، پنا ٻيا پِرينءَ لئ.
16

سا سِٽَ سارِيائون، اَلف جنهن جي اَڳِ ؛
”لاَ مَقصُودَ فِي الدَّارَينِ“ اِن پَرِ اُتائون؛
سَڳِـرُ سوٺائُون، ٽيا رَسِيلا رحمانَ سين.
17
اَکرَ پڙهي اَياڳِيا! قاضِي تئين کِياءِ؟
پـيرِئين پاَنـئِئين، ايڏا اِئن نه آءُ!
اِنَ سُرکِـيءَ سندو ساءُ، پڇج عَزازِيل کي.
18
عاشق عَزازِيل، ٻيا مڙيئي سَڌڙِيا؛
منجهان سِڪَ سَبِيلَ، لعنتِي لال ٿيو.
19
جو مون پڙهيو پاڻ لَئ، سبقُ سابِقُ جو؛
پهرين سُڃاتم پانهنجي، نفسَ جو نِهو؛
جِي عَرفانُ اَصَل ، ٿي رُوحن روزَ ڪيو؛
وري وَرَقُ پيو، گڏيم وَڏُ وصال جو.
20
پَڙهيو ٿا پڙهنَّ، ڪَڙهن ڪين قُلُوب ؛
پاٽان ڏوهَ چڙهنَّ، جئن وَرَقَ ورائين وِتَرا.
21
اَکر پڙه اَلف جو، وَرَقَ سڀ وسار؛
اَندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.
30
جئن جئن وَرَقَ وَرائِين، تئن تئن ڏنو ڏوهُ؛
تنهن کَهڻِيءَ کبو کوهُ؟ جي رهڻِيءَ رهيو نه سُپرين.
23
ڪاتِبَ! لِکِين جئن، لايو لامُ اَلف سين؛
اَسان سڄڻُ تئن، رهيو آهي روح
24
تهڙا چالِيها نه چالِيهَ، جهڙوپسڻ پرينءَ جو؛
کهڙي ڪاتِبَ! کَرِئين، متي پنن پِيهَ؛
جي ورقَ وارِين وِيهَ، ته اَکر اُهوئِي هيڪڙو.
25

تَنُ ڪُڏِي، مَنُ حُجرو، ڪيم چاليها رَڪُ؛
ڪوه نه پُوڄيو پُوڄئين، اَنئِي پهر اَلَڪُ؟
تان تون پاڻُ پَرَڪُ! سَپِڪَنهن ڏانهن سامهون.
26
سَپِڪنهن ڏانهنِ سامهون، ڪو هنڌ خالِي ناهِ؛
اَحَدا جي اَرَڪَ ٿيا، سي ڪانئرَ ڪبا ڪانهِ؟
مُحبُّ منجهين مَنَ مانهِ، مون اَچاٽندِيءَ اُجِهيو.

وائي
وِسارِ مَ وِڻَ، جوين ڀه ٿي ڏينهڙا.
لوٺيُون سَهَنِ لوڪ جا، وِهاڙِيءَ تيون وِڻَ؛
اصل اَسارِيُنِ جا، سُتي وِيَڙا سِڻَ؛
جيڏيون! جي مانَ وِسَهو، ننڊ مَ هيريو نيڻَ؛
راتڙيُون جاڳِنِ جي، سي آئُون ڪندڙي سِڻَ؛
آڏيءَ رات اُٿِي ڪري، جهل تون نِندان نيڻَ.

داستان ڇهون
1
دائودِي دَيُون ڪري، رَنڪَنِ ڪونهي رنگُ؛
گهوڙِيءَ هيٺ اَيَنگُ، ڪاهيو پاڪرئين هٽي.
2
دائودِي دَيُون ڪري، رَنڪَنِ ڪونهي چيٽُ؛
گهوڙِيءَ هيٺ سُچيٽُ، ڪاهيو پاڪرئين هٽي.
3
او قابِيلَ! اَڪين ، توکي باري بانَ؛
اُپو اَڳرايُون ڪرين، ماڳِ هٽيو مَستانَ؛
جانبَ! تون زيانَ، اَڪين سين ايڏا ڪرين!
4
جي هو پائِينِ ڪانُ ڪَمانَ ، ته سينو سِپَرِ رکُ؛
منهن معشوقن جا، چاڪَ چَتڪا چَڪُ؛
سورِي پانءِ مَ شڪُ، عاشقُ ٿِيُ ته اُبَهِين.
5

جي هو پائينِ ڪانُ ڪَمانَ □، ته سينو سِپَر ڏيجِ؛
منهن □ معشوقن جا، جهالُو ٿي جهليجِ؛
پاهان پَڳَ مَ ڏيجِ، عاشقُ ٿِيُ ته اُبَهِين.
6
پائي ڪانُ ڪَمانَ □، ميان! مار مَ مون؛
مون □ آهين تون، متان تنهنجو ئِي توکي لڳي.
7
ڪيو چڏين ڪانُ، هَڏَ نه هَٽائين ٿا؛
ٿيا جي نيشانُ، ته پهرئين سان پورا هئا.
8
لورِي جِت لڳوم، اُتِ اُپيو ئِي آهيان؛
سورهُ پرين سَندوم، مانَ ٻاجهائي پيو هَٽي!
9
محبّت جي ميدانۃ □، ڪر پَڙاڏو پَٽُ؛
سِرُ سورِيءَ، ڌَڙُ ڪُنگرين، متان ڪُڇِين ڪَٿُ!
عشق نانگ نِپَٽُ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.
10
محبّت جي ميدانۃ □، سِرَ جو ڪر مَ سانگُ؛
سورِيءَ سُپيرِين جي، چَڙهُ ته ٿئين چانگُ؛
عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏَنِ ڪي پوي.
11
عشق نه آهي راند، ته ڪي ڪَنسِ ٻِچِرُو؛
جِيَ جُسي □ جانِ جِي، پِجي جو هيڪاندِ؛
سِسِي نيزي پاندِ، اُچل ته اَڏ ٿئي.

وائي
عشق تمام، بره تمام، وو! مئن لُوٺي يارَ لوڪو!
سيجَ سُتي نُون جَهپَ نه آوي، نيٹين نندِ حَرامُ؛
راتيان جاڳڻُ، صاحبُ سنڀالڻُ، اِي فقيران دا ڪامُ؛
مَتِ عقلَ دي مُنجه گَــئِي، آيا عشق اِمامُ.

داستان ستون

1

عاشقن الله، ويروتار نه وسري؛
آهَ ڪَرِيندي ساهُ، ڪڏهن ويندو نڪري.

2

عاشق اِئن نه هُونِ، جئن تون سَڄي اَگرين؛
وڃي درِ دوستن جي، رَتُ ڏِهاڙِي رُون؛
ٻِيَ پَرِ ڪَنهِين نه پوَن، ماڪُرِ محبوبنِ سين.

3

جان عاشقَ مٿي رَتُ، تانِ دعوىٰ ڪري مَ نِينهن جِي؛
سائو مُنهن، سُوِنهن گــئِي، سِڪَڻَ اِيُّ شرط؛
نَڪِي گوڏِ گـرَٿُ، مٿا سِرَ سؤدا ڪري.

4

اَجا تو منجهان، ڪَڪَ چُتي رتُ نڪري!
منهن □ محبوبن جا، ڪئن جَهلِيندي گهاءَ؟
سو تون ڪُڄاڙيا، سِڪَڻَ جون سَڌُون ڪرين؟

5

سِڪڻُ □ سورِي، ٻئي اَڪَرِ هيڪڙي؛
وِهڻُ واٽَرِيُن تي، ڪارَڻُ ضرورِي؛
ٻِنهي جِي پُورِي، جِيءَ ڏني رِيَ نه جُڙي.

6

جيڪِي سِڪَڻُ سِڪُ، ناتَ پَسُ سِڪندئين؛
پاسي تنين مَ لِڪُ، نِينهُن نه سُڃاڻن جي.

7

عاشقَ! معشوق جِي، وٺِي ويهُ ٻِرِي؛
جِمَ وِرچي ڇَڏئِين، سَندِي دوست دَرِي!
ڏِيندا ٻُڪِي ٻاجَهه جِي، ويندءِ ٿَپَ ٿَرِي؛
اَسان تان نه سَرِي، تون ڪئن سَرِي سپرين؟

8

عاشقَ! معشوقن جو، وٺِي ويهه دُڪاڻ؛
پَـئِجِ پيش پِريُنِ جي، پَتِيءَ وجِهي پاڻ؛
ته تون تنِين ساڻُ، سدا رهِين سُرخُرو.

9

عاشقَ! معشوق جو، وٺِي ويهج گَهٽُ؛
جِمَ وِرِچِي چَڏئين، موڪِيءَ سندو مَٺُ؛
ڪري سِرَ جي سَٽُ، پِيِجِ ڪي پِيالـيُون.

وائي
سُپيريان جي سونهن جِي، ڳالهه ڪِينَ وڃي؛
وڃِي دَرِ دوسُتن جي، سُوريءَ سِرُ هَڄي؛
عاشقَ اَنگُن چڙهيا، ٻيو سَيڪو پَڄي؛
پُڇِجِ پوءِ پِريتَّٽون، پهرين سِرُ سَڄي؛
عاقِلَ ئِي اَوچُون ٿيا، پورو ڪِينَ پَڄي.

داستان اٺون
1
هَرَ هَرَ هَرائِي، وڃڻ دَرِ دوسُتن جي؛
پاڙي ڏانهن پِرينِ جي، اُڄُ مَ اَوائِي!
اَلڙُ ٿِي اَڇِ مَ تون، واٺاڙُن وائِي؛
لائِيندءِ، لَطِيفُ چئي، سُوران سَرهائِي؛
ڳُجهو ڳالهائِي، پِرتِ وَٽجي پاڻ .

2
سُورُ جنين ڪي سَرِيو، سَرِي تن صحتَ؛
مِٺِي مصيبت، آهي عاشقنِ ڪي.
3
جي پياري پاڻَ، ته ڪَرَهو ٿِي پاڙِي پِئين؛
اڳِي اِنَ نِياڻ، اَڻَ ڪوٺيو ڪونَ ڳِهڙي.
4
اَڻَ ڪِي عَيان نه ٿئي، ڪِي پروڙي ڪونَ؛
سچِي جيهِي سونَ، منهن نه پيئِي ماڙهُوئين.
5
اَڻَ ڪِي عَيان نه ٿئي، ڪي پروڙي ڪونَ؛
سا سُونهِين ٿئي سونَ، اَمُرُ عطا جنهن جو.
6
چِنَنِ توءِ مَ چِنُّ، پاءِ اُميرِي اُنِ سين؛

جي اَوگڻ ڪَنِئِي، اَسُونهِين! ته تون ڳُڻان ئِي ڳِڻُّ؛
پاند جهليو تون پِڻُّ، هن سُونهاري سَگَ □.
7
نَمِي ڪَمِي نهار تون، ڏَمَرُ ڏولائو؛
ٿِـيَئِ ساجائو، جي اُپِئين اِنهِيءَ پيرَ تي.
8
ڪَمُ! ڪَـمَندنِ ڪئيو، هارايو هوڙَنِ؛
چڪيو نه چُوندنِ، هو جو ساءُ صبرَ جو.
9
ڪَـمَندَڙَن گهر ڪِين، چَوَندڙ چڱا نه ٿيا؛
ويٺَنِهُون ويڏُ پَئي، هٿِ نه اَچي ڪِين.
10
هُو چَوَنِـئِي، تون مَ چؤ، واتان ورائي؛
اَڳُ اَڳِرائِي جو ڪري، خطا سو کائي؛
پاندَ □ پائي، ويو ڪِيني وارو ڪِينَ ڪي.
11
ڪِنِين ڪِينَ پرائيو، ڪِيني منجهان ڪِين؛
جي هوءِ سَٽاڻِي سِيگ، ته زِهَ چِني جوکو ٿئي.
12
اَڻ چَوندَنِ مَ چؤ، چَوندَن چيو وسار؛
اَنـئِي پهرَ اَدبَ سين، پَرِ اِهائي پارِ؛
پايو مُنهن مُونن □، غُربت ساڻ گذار؛
مُفتِي منجھ وهارِ، ته قاضيءَ ڪانيارو نه ٿئين.
13
جِنِين سَندِيءَ "ٻوڏَ" □، پَتون پَتين "جِيُ"؛
تَنَ! تنين سين پِيُ، اوڏا اوڏي پَڪَڙا.
14
وينئي جِنِين وَٽِ، ڏُکَندو ڏاڍو ٿِئي؛
سا مَجِلس ئِي مَٽِ، جي حاصل هوءِ هَزارَ جو.
15
وَينئي جِنِين وَٽُ، ڏُکَندو ڏُور ٿِئي؛
تَنَ! تِنِين سين ڪَٽِ، اوڏا اَڏي پَڪَڙا.

وائي
!يار سڄڻ جي فراقَ، ڙِي جيڏيُون! آئُون مارِي
دَرِ دوسَنِ جي ڪَئِين جو هوندا، مُون جيها مُشتاقَ؛
جاتي ڪاٿي محبوبن جي، آه حُسنَ جِي هاڪَ؛
سُرمو سَهي ڪر اَکين جو، خاص پِريان جي خاڪِ؛
.عَبدُاللّٰطِيفُ چئي، پرين اَسانجو هميشہ آ حُسناڪُ

سُر ڪنڀات

داستان پهريون

1

يَلا ئِي آهِينِ، پِرِين يَلائِيءَ پانهنجي؛
سَٻاجها سِرِ چَڙهيو، ڏوراپو نه ڏِينِ؛
.مان ڏي مَديُون ٿِينِ، سَڄَڻَ سَڄاڻِ □

2

تون چَندَ! اُهوئِي، جو هُتِ پَسِين ٿو پِرِينءَ کي؛
آڏِتُ چئج اُنِ کي، ڏِيانِءِ جو روئِي؛
!هيڪاندِيءَ هوئِي، سانگُ مَ پَوي سَڄَڻين

3

!مَرُ هيڪاندا هُونِ پِرِين، سانگِ مَ وڃن سيڻَ
رهيا آهِينِ روحَ □، نِتُ جِنِين جا نيڻَ؛
.وِماسِيا جِن ويڻَ، ٿو تارِيءَ تَڳي تِنِ هِنئون

4

رات سَهائِي، پُون سَنئِين، پائِي! گُهرجي پَلُ؛
آهُرَ □ ايلاچِيُون، چَندَن چَرِي چَلُ؛
مون توئِي سين ڳالهڙِي، ٻِئي ڪَنهِين مَ سَلُ؛
.هاهُرَ ڪندو هَلُ، ته ڪِجايُون ڪَرَنِ کي

5

چوڏِهِينءَ چَندَ! تون اُپِرين، سَهسين ڪَرِئين سينگارَ؛
پَلَڪَ پِريان جي نه پَڙِين، جي حِيلَنِ ڪَرِئين هَزارَ؛
.جهڙو تون سَڀَ ڄمارَ، تهڙو دَمُ دوست جو

6

سهسين سِجَنِ اُپري، چوراسِي چَندَنِ؛
بالله ري پِرِيَنِ، سَبَ اُونداهِي پانـئِيان.

7

چَندَ! تنهنجِي ذاتِ، پاڙيان نه پِرِيُنِ سين؛
تُون اَچو □ راتِ، سَڄَڻَ نِتُ سوجِهرا.

8

چَندَ! چوانءِ سَچُ، جي مَنِي نه پانئِئينِ؛
كَڏهن اُپرِين سَنهڙو، كَڏهن اُپرِين ڳَچُ؛
مُنهَن □ ٻَريئِي مَچُ، تو □ ناهِ پيشانِي پِرِينءَ جِي.

9

كَٽِي نيڻَ خُمارَ مان، جان كيائون نازُ نَظَرُ؛
سُورجَ شاخُون جَهكِيُون، كُوماٽو قَمَرُ؛
تارا كَتِيُون تائِب ٿيا، ديكِيندي دِلبَرُ؛
جَهكو ٿيو جَوهَرُ، جانِبَ جي جَمالَ سين.

10

تارا تيلِيءَ رُوءِ، لُڌا لالَنَ! اُپِرِين؛
جَهڙِي تو صُبوح، تَهڙِي صافِي سَڄَڻين.

11

توڏانهن گهٽو نِهاريان، تارا! تيلاهِين؛
سَڄَڻُ جيڏاهِين، تون تيڏاهِين اُپِرين.

12

هُنَ تاري، هُنَ هَندِ، هُتِ منهنجا سُپِرِين؛
سَڄَڻَ ماكيءَ مَندِ، كَؤڙا ٿين نه كَڏَهِين.

13

تارا، تِرَ، تِروكِٽيؤن، مَتِن قُلَڙيُون؛
كوءِ! سي راتَڙِيُون، جي مون پِرِينءَ پُڄاڻا پيئِيُون.

وائي

وَهلِي وَنءُ مَ وِهامِي! رَهُ رات! رائِينديس پرِينءَ كي.
شَمع تِينديَس شَب □، اِن خوشيء كان كامِي؛
بابُوئن سندِي باه جِئَن، ٻَران شال اُجهامِي!
پِرتِ جا پِيتَم جِي، سا كِينَ پروڙي عامِي؛

مونکي مون پِريُن جو، آهي دَردُ دَوامِي؛
آهيان يارُ سَيَّدَ جو، ڪانَ رهِي ڪا خامِي؛
هُوءَ جا لَنؤُ، لَطِيفُ چئي، مونکِي آهي مُدامِي؛
روشَنُ ٿِيان رُجُنِ □، جي هُئان لَنؤُ اِنهيءَ لامي؛
ڪارِي سا قِيامَ سَنئِين، هوتُ جنهنجو حامِي؛
آيَم تَنهِين لوڪَ سان، جيسِين مان چَوَن سامِي.

داستان پيو

1

ناسِيندي نِگاهَ، پهرين ڪج پِرِين ڏي؛
اَحوالَ عاجزنِ جا، آڪِجِ لَڳِ اَللهَ؛
روزُ نِهارينِ راهَ، اَڪيُون اَوهانجي آسِري.

2

چَڱا چَندَ! چَئِيجِ، سَنِيها ڪي سَڄَڻين؛
مَٿان اَگڻ اُپِرِي، پِريُنِ جي پَئِيجِ؛
جِهيٽو ڳالهائيجِ، پيرين وجِهي هَٿڙا.

3

اُڀِرُ چَندَ! پَسُ پِرِين، تو اوڏا، مُون ڏُورِ؛
سَڄَڻَ سُتا وِلَهه □، چوٽا پَري ڪپُورِ؛
پيرين آئُون نه پُڄِٽِي، ٻاٻُل ڏِئي نه ٻُور؛
جنهن تي چڙهِي اَسُورِ، سَنجهي سَڄَڻَ سِيٽيان.

4

ڏَٽِي! ڪَرِيندين ڪَڏهِين، حياتِيءَ هيڪاندِ؟
مَنَ □ مُشتاقَنِ جي، ڪِي رنجائي راندِ؛
پِرِين ڏيساندَرَ پاندِ، ڳُجُھ ڳِرهِيان ڪن سين؟

5

هِنئَڙي سَڄَڻَ سارِيا، ڪِٿي هُوندَمِ هيرَ؟
اَچِي لالَنَ! نه ڏِئين، مَٿي پَلَنگَن پيرَ؟
ٿِي ورُونهڻ ويرَ، ڳُجُھ ڳَرَهِيان ڪن سين؟

6

ڪَرَهو نه ڪيڪانُ، پيرين آئُون نه پُڄِٽِي؛
جو مون راتِ رَساٽي، نيئِي ساجَنَ سانُ؛

مُون نه وَهِيٽو پاڻُ، ويٺِي نينَ نِچوئِيان.
7
ڪَرَها! ڪَسَرَ چَڏِ، وِڪَ وَڏَندِي پاءِ؛
منهنجو هلڻ اُتَهِين، جِتي جانِبَ جاءِ؛
توکي چَندَنُ چارِيان، ٻيو وَڳُ، لاٽِي کاءِ؛
اِئين اُٺَ! اُناءِ، جِيئَن هوندِيءَ رات هُتِ مِڙُون.
8
ڪَسَرَ چڏ ڪَنواتَ! وِڪُون وِجُھ وَڏَندِيُون؛
سَنئِين سُپيرِيُنِ جِي، وِنگِي پانءِ مَ واتَ؛
چَڏ جهورِي، ڏي جهاتَ، ته هوندِيءَ رات هُتِ مِڙُون.
9
آٽي پَڏُمِ وَڻَ جاءِ، مانَ مُڪريُون چَري؛
ڪُڏاتُورو ڪَرَهو، لِڪيو لاٽِي کاءِ؛
اِنَ مَئي سندي، ماءِ! مُون کي ڳالهڙين ڳوڙها ڪيو.
10
مَيا! مَڃُ مِنتَ، اَڄ منهنجي ڪَرَها!
جهاڳِيندي جَرَ پَتيُون، مَتان ڪَرِئين ڪَتَ؛
سُپيرِيان جي سَتَ، مُون کي نيئِي ميڙِئين.
11
ڳَلِ ڳانا ياقُوتَ جا، موتِيُنِ ڳُتيَس مالَ؛
ڪَڍِيفي جِي ڪَرَها! هيدِي پايَنءِ حالَ؛
چَندَنُ چارِيَنءِ جالَ، جي مُون رات رَساٽِئين.
12
مَيا! تو مَهارَ، سچِي پايان سونَ جِي؛
چارِيَنءِ چَندَنَ چوٽِيُون، نايو ميندِيءَ ڏارَ؛
سَندِي پِيَ پَچارَ، جي مُون رات رَساٽِئين.
13
اُٺُ نه وڃي وَڳَ سين، چَري نه چانگو؛
لَڳِيس نائُڪَ نِينهَن جِي، نِهوڙِيو نانگو؛
چَڏي سِرَ سانگو، رڙهي رَندِ پِرين جي.
14
وِهي مَنجهــهِين وَڳَ، ڪَٺُورِيءَ ڏارَ چَري؛

ماءِ! منهنجي ڪَرَهي، پَدَرِ پَڳَ نه لَڳِ؛
جَڳَ سين جهڙو جَڳِ، هِنئين سين هُتِ چَري.

15

اَج نه اَڳِينءَ ڀارَ، ڪَرَهو جيئن ڪالهه هو؛
اَڱڻَ آيو نه ڪري، پاهوڙي پَچارَ؛
جيڪُسِ مَنجهه قَطار، ڪا وَلِ چِنائين وِهُ جي.

16

مَيي ماڪائِي، وِڌو واٽُ وَليُن ڪي؛
خَبَر ٿِي ڪيٿَ ڌَٽيُن ڪي وِڌُوڙا واهِي؛
ڪَرَهي ڪاڪَتَ چِڏِي، وَريسِ نه وائِي؛
چانگي چَرِيائِي، ويئِي ويچاري وِسرِي.

17

وَتي سيٿَ سُوَٿَ، پاءِ پنهنجي ڪَرَهي؛
وَليُون واسَ وَرنيُون، پَهرِيُون مَتي پَٿَ؛
چانگي چَتِي چَٿَ، ته پوءِ نه رَهَندو پَـئِدَ ري.

18

ڪَرَهي ڪي ڪَئِين، وِدَمَ پَئدَ پَلَڻَ جا؛
ليڙو لاٽِيءَ ڪي چَري، نِيَرَ ساڻ نَـئِين؛
چانگي سَندي چِتَ□، صاحبَ! وِجُهه سَئِين؛
اوباهيوس اَئِين! لُطفَ ساڻُ لَطِيفُ چئي.

19

چانگي چَئِي چُڪياسِ، مَٿان اَڪَ نه اُلَهي!
جنهن وَلِ گهٽا وِهاڻيا، اُنَ سين آرِ لَڳِياسِ؛
چوڌارِي چَندنَ وَڻَ، پَچِي پُوڄَ پِياسِ؛
رُئاري رَتُ ڪَياسِ، هِنَ ڪُڌاتُوري ڪَرَهي.

20

اُتي اَڙائِينس، چڙيو ته چيڪَ ٿِيو؛
ڪارايان، ڪِـڙِيو وجي، پَلاٽي پائِينسِ؛
ڏانوَڻِ تنهن ڏائِينسِ، جِئن چَري □ چِنگهي پُٽو.

21

ڏُو دَستِي، ڏُو پيرَ، سِيني سَنگهَرَ رُڪَ جِي؛
ماءِ! مُنهنجي ڪَرَهي، تازي قُلِنِ هيرَ؛

تنهن ڪامَڻَ ڪَندِي ڪيرَ؟ جو مُونهِين وَتِ مَسَ رَهي!
22
ڪِنين ڪامَڻَ ڪَياءِ؟ ڪِيئَن پَنيولِئِين؟ ڪَرَها!
اَڪِيُن مَتي اَکيا، پِڙَ □ پيرَ گَناءِ!
وَڳَ ڪِ وِسرِياءِ؟ ٻَڌو جِئَن گهاٽي وَهِين.
23
ڪائي نه ڪَتَّهارَ، چَندَنَ جا چُوپا ڪري؛
اَگَرَ اوڏو نه وَڃي، سِرڪَندَ لَهي نه سارَ؛
لاٽِيءَ جي لَغارَ، مَيو مَتارو ڪيو.
24
چانگا! چَندَنُ نه چَرِين، مَيا! پِئَين نه موڪَ؛
اَگَرَ اوڏو نه وَڃِين، ٽُڪيو چَڏِئين توڪَ؛
لاٽِي وِچان لوڪَ، تو ڪَهڙي اَڪرِ آئُڙِي؟
25
جِئان ڪوڙِ ٻه ڪانيُون، پَنجين لَکين پاءُ؛
مَيو تنهن ماڳاءِ، ڏِيهاٽي ڏارَ چَري.
26
لَکِ لاکِيٽو ڪَرَهو، ڪوڙين ڏيئي ڪاهِ؛
ايلاچيون آهُرَ □، پُوڄَ مَيي ڪي پاءِ؛
ڪَٿ نه ڪَندو ڪاءِ، جُه پَلاٽيو ته پِرِينءَ مِڙي.

وائي 1
سَڏين سينَ نه هُونِ، نِينهُن نِياپي نه ٿِئي؛
ڪارِيءَ رات رَتَ ڦڙا، جان جان نينَ نه رُونِ؛
مونَڻ جنِين ميهڻو، پِڙَ تي سيئِي پُونِ؛
جِن مُسافر سُپِرِين، سي مَرُ رويو رُونِ.

وائي 2
توڻي تَڙِئين ٿُون، يا اَلا! تو دَرُ توءِ نه ڇڏيان!
مون ڪي سو مُشاهِدو، جي مُنهن نه ڏِئين مُون؛
مُون ٻيا درَ گهٽا نِهاريا، آهِئين تُون ئِي تُون.

سُر سريراڳ

سُر سامونڊي

داستان پهريون

1

پَڳَ پاسي گهارِ، آيَلِ! سامُونڊيُن جي؛
وجِهي جِيُ جَنجارِ، جِمَ وَڃَنِئِي اوهِرِي.

2

پَڳَ پاسي پَچُ، آيَلِ! سامُونڊيُن جي؛
مَنَ ۽ ٻاري مَچُ، جِمَ وَڃَنِئِي اوهِرِي.

3

پَڳَ پاسي وِيُ، آيَلِ! سامُونڊيُن جي؛
تون ويسِرِي وِکَ ڪَـٽِين، هو پُورِيندا پَرَڏيُ؛
سَمُنڊُ جِن ساٿُيُ، ڪـوهُ نه ويئِينءَ تِن سين؟

4

نَنگَـرَئُون نيٽين، مَنُ اولِيءَ نه اوهِري؛
سَٻاجهين سيٽين، پائي ڳُنَّ ڳِهِيو هِنئون.

5

سيئِي جوپَنَ ڏِينهَن، جڏهن سَڄَڻَ سَفَرِ هَليا!
رُئان رَهنِ نه سُپرِين، آيَلِ! ڪَريان ڪِيئن؟
مُونکي چاڙهي چِيئَن، ويو وَڻجارو اوهِري!

6

نه سي تڙِ هوڙاڪَ، نه واپُون وَڻجارَنِ جُون!
سَرتيُون سامُونڊين جا، اَڄُ پِنُّ چِڪِيَمِ چاڪَ؛
مارِينِمِ فِراقَ، پاڙيچيُون پِريُنِ جا.

7

وِيا اوهِرِي اوءِ، مُونکي چڏي ماڳَهين؛
جُڳَنِ جا جُڳَ ٿيا، تِئان نه موٽيو ڪوءِ!
ڳُونڊَرُ مارِيندوءِ، ويچارِي! وِيَنِ جو.

8

اُونهي ۽ اوهِرِي، جڏهن ويا جي؛
موٽِي ماڳِ نه آئِيا، ماءِ! سامُونڊِي سي؛
ڪارو تنِين کي، جيڪُسِ وَهُ ورِي ويو!

9

اُهِرِيا جِئائِين، ڏُکَنِ تِن تَڙائيين!

سُر سهڻي

داستان پهريون

1

وَهَ تِکَ، واهُڙَ تِکَ، جِت نِينهُن، تِکَ نرالِي؛
جِن کي عِشقُ عَمِيَقَ جو، خِلوَتَ خِيالِي؛
وارِئين سا، والِي! هِنَئڙو جِن هَٿِ کيو.

2

واهُڙَ وَهَنِ نَوان، اَچا وَهُ اَڳي ٿِيو؛
گَهرِ ويٺيون گهڙا کريو، سَرَتِيُون سَڱَ سَنوان؛
صُورَتَ جا ساهَڙَ جِي، سا جي ڏِٺِي آن؛
هُوندَ نه پَليو مان، گِهڙو سپ گَهڙا کڻِي.

3

کَنڌِي اُپِيُون کيتريُون، "ساهَڙُ ساهَڙُ" کَنِ؛
کنِين سانگو ساهَ جو، کي "گهورِيسَ" کيو گِهڙَنِ؛
ساهَڙُ سَندو تَنِ، گهاگهائي گِهڙنِ جي.

4

وَٽَنِ ويٺا کانگَ، وِچِين ٿِي ويلا کري؛
گِهڙِي گهڙو هَٿِ کري، سُٺِي سانجهيءَ ٻانگَ؛
سيئِي ڏُونڍي سانگَ، جِتي ساهَڙُ سُپِرِين.

5

گِهڙِي گَهڙو هَٿِ کري، ٻَهُون نِهاري ٻَنگُ؛
سر در يار فِدا شُد چه بَجا شُد،وَلِ اِهوئِي وَنگُ؛
رات جنِين جو رَنگُ، الا! سي اُکارِئين.

6

گِهڙِي گَهڙو هَٿِ کري، ٻَهُون نِهاري ٻَنگُ؛
وَ اَمَّامَن□ خَافَ مَقَامَ رَبِّ، اِيُ لَنگِهيائِين لُنگُهه؛
سِکَندِيَنِ کي، سَيَّدُ چَئي، کِينَ جَهلِيندو جَهنگُ؛
راتِ جِنِين جو رَنگُ، الا! سي اُکارِئين.

7

گِهڙِي گَهڙو هَٿِ کري، اِلاهِي ٿُهارَ!
جَنگَهه جَرکي واتَ □ سِسِيءَ کي سيسارَ؛
چُوڙا ٻِيڙا چِکَ □، لُڙَ □ لُڙِهيَس وارَ؛
لَکين چُهتيسِ لوهِڻيُون، ٿيلهيُون ٿَرَنِئُون ڏارَ؛

سُر سسئي آبري

داستان پهريون

1

جي سِجهائِي سڪَ، ته پِڙُ سِڪي سَسُئِي؛
پِيتائِين پُنهونءَ کي، هڏِ نه پَکِيَسِ هڪَ؛
اِن تَڙَ منجهان تِڪَ، ڏِني پاڻَ اُجَ تئَي.

2

پَسِي جهاجهه جَمال جِي، جنِين پِيتِي پڪَ؛
اَپَرِ اَڱانجهو ٿيو، سُورُ اُنِين کي سِڪَ؛
هڏِ نه پَکِيَنِ هڪَ، سَدا سائِـرَ سِيرَ □.

3

مُحَبَّتَ جن چِي مَنَ □، تن تِشنَگِي تارِ؛
پِي پِيالو اُج جو، اُجَ سي اُجَ اُڻِيارِ؛
پُنهون پاڻَ پِيارِ، ته اُجَ سِين اُجَ اُجهائِيان.

4

مَحَبَّتَ سَندو مَنَ □، پُرُ پِيالو جن؛
پِيَڻَ پَرَچاءُ نِا ڪو، ڪنهن جنهن ڏِا ڏَيَن؛
تنهن نِهايَتِ نِا ڪا، جنهن سُڃا سُڃَ وڃن؛
تيلان اُجَ مَرَنِ، سَدا سائِرَ سِيرَ □.

5

سَدا سائِرَ سِيرَ □، اَندرِ لَهي نه اُجَ؛
پَسَڻُ جو پِرِينءَ جو، سا سَيائِي سُڃَ؛
تيلان مَرَنِ اُجَ، سَدا سائِرَ سِيرَ □.

6

ساجَنَ ڪارَڻِ سُڃَ، مَرُ قَبُولي سَسُئِي؛
اَندَرُ جنِين اُجَ، پاڻِي اُچِيو اُنَ کي.

7

پاڻِيءَ مَٿي جهوپڙا، مُورکَ اُجَ مَرَنِ؛
ساهان اوڏو سُپَرِين، لوچي تان نه لَهنِ؛
دَمُ نه سُڃاڻَنِ، دانهون ڪن مُنَنِ جئن.

8

سَسُئِيءَ ڪِينَ سَمجهيو، اوري آريءَ ساڻُ؛
ڪري پيڪُ پُنهونءَ سين، پاڏارِيائِين پاڻُ؛

سُر معذوري

داستان پهريون

1

هَلندي هوتَ پُنهونءَ ڏي، ڪُهجَنِ ڪي ڪوتِـيُون؛
پَهَڻُ تنِين پَٿُ ٿِئي، جي لَءِ لالَنِ لُونِيُون؛
سَڀُ سَهيلِيُون سِڪَ ڪي، ڇُنجُهون □ ڇُونِيُون؛
ٻانيَڙِ! ٿِيُ ٻُوتِـيُون، ته ڪُتا ڪِـيَنِئِي ڪيچَ جا.

2

تن پيئِي جانارَنِ يادِ، جي پاريَلَ پُنهونءَ ڄامَ جا؛
سَندي لاَ لَنِ لاڏِ، مُئانِ پوءِ مَنڌُ ٿِئي.

3

جاڳايَسِ جَنبُورَ، ڪُتي قَرِيبَنِ جي؛
بَهِي پؤنڪِي اُٿيو، گِهڏِي مَنجهان گُهورَ؛
سَڀِ لاهِيندو سُورَ، گِري هِنَ غَرِيب تان.

4

ڪُتو طالِبُ ڏُوندَ جو، اسين ڪُتي ڪِيڙَ؛
ڇُهِٽي آهي ڇِيڙَ، ڪارايي جي ڪَنَ □.

5

سَگِبانَ سِينڍارِيا، ٻَچِيا، تي ٻَهَنِ؛
ڦِرِيا نه فَرمانَ ڪان، مُلهُ نه موتِيَڙَنِ؛
ڪونهي ڏوهُ ڪُتَنِ، ڏاڪارِيا، ڏاڙهِينِ تا.

6

ڏَڪا، ڏُونگَرَ جا مِرُون، مَرُ ٿا مُون تي ڪَنِ؛
پُڙَندا ڪِينَ پَرِيَتِ تي، هِنَ جا سَڌَرَ ٿا سُڄَنِ؛
سَڳِائِيءَ جي، سَيَّدُ چئي، آهي سُڌِ سَپَنِ؛
هُوندَ نه هِتِ ٿَرَنِ، پر قَرابَتَ ڪَمُ ڪيو.

7

سَڌَرَ سين سَگُ ڪري، پَرَڪَنڌين پِيياسِ؛
ڪيرَ بِرهَمَڻِ؟ ڪِن جي؟ ڪيرُ ڄاٽي ڪيٽاسِ؟
هُوندَ نه سِنڌُ سُياسِ، هِنَ پُرِيين ڪَيَسِ پَڌِري.

وائي

خُوبِي مَنجِه خِفَتَ، اي! دوستَ! دِقَتَ، آهي عَبدُاللَّطِيفُ ڪي .

سُر ديسي

داستان پهريون

1

ڏاگَهنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگَـرَنِ، ڏِنهِي ڏِنَمِ ڏُکَ؛
سي سَٻِ پانيَمِ سُکَ، هيڪاندِ ڪارَڻِ هوتَ جي.

2

ڏاگَهنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگَـرَنِ، ڏُکَنِ آئُون ڏَڏِي؛
پُڇان پيرُ پُنهونءَ جو، وِجهان وِکَ وَڏِي؛
لِکِئي آئُون لَڏِي، ناتَ پَٿَنِ ڪيرَ پَندُ ڪَري.

3

اَڳَڻَ مَٿي اوپِرا، جڏهن ڏاگها ڏِٺَءِ ڏِينهَن؛
وَنِي سَٿَرِکَ، سَسُئِي! ويهُ وِهاڻِيءَ سِيئَن؛
چوٽي سين چانگَنِ کي، جَڙِ زَنجِيرُن جِيئن؛
ته هوتُ تُنهنجو هِيئن، هوندِ پُنهون نيائُون نه پاڻَ سين.

4

اَڳَڻَ مَٿي اوپِرا، جڏهن ڏاگها ڏِينهَنِ ڏِٺاءِ؛
ڪُنجُون جي قُفِلَنِ جون، تان ڪنهن لَلِ لِڪاءِ؛
ته سُپا ٽي سَندِياءِ، ڏِٺي سارُوڻِي سَسُئِي!

5

اَڳِي اُٺَ رَڙَنِ، مُونِ پيري ماٺِ ٿِئِي؛
پَلاڻِيندي، پاڻَ □، ڪُچِيو کِينَ ڪُنَنِ؛
ڪا جا مامَ مُنَنِ، هِنِ پڻ هُئِي هُنَ سين.

6

چا چِي ڏِنگا ڏيرَ، مُنهنجو ڏِينهن ڏِنگو مَ ٿِئي!
اُنَنِ □ اونِـيَڙَنِ جي، چا وَهِيٽو ويرُ؟
هِيَ ڪَمِيٽِي ڪيرَ؟ جا اَمُرَ کي آڏو ٿِري.

7

ديسِي سيڻَ ڪَجَنِ، پَرَديسِي ڪَهڙا پِرِين؟
لَڏِيو لاڏؤٽا ڪَيو، پَنهنجي ديسِ وَڃَنِ؛
پُڄاڻان پِرِيَنِ، ڪَجي بَسِ پَنيورَ ڪانَ.

8

اُٺَ مَ اوري آڻِ، ڏاگَهنِ ڏَڏِي آهِيان!
هَٽِي هَٿُ هَيَنِ کي، پَري نيئِي پَلاڻِ؛

سُر ڪوهياري

داستان پهريون

1

اَيلَ! لَ نه جاڳينءَ لِکَ سِيئَن، ڪُلِّي وَمُ ڪَياءِ
قُمُ تِي، پَهُچُ قَرِيبَ ڪي، اِ سِ تو نه جُڳاءِ؛
مُنِي! مهمانَنِ سين، ويهِي راتِ وِهاءِ؛
جيلان نِندَ ڪَياَءِ، تي روزُ رَهِين ثِي راهَ ؟.

2

اِ سِ ڪَري اُثِيا، تَنوارِيو توڏَنِ؛
وَ مَ نَوازِينءَ؛ اُنِ جي، وَحَبا موڏَنِ؛
رِڙهِي رَسُ روڏَنِ، اَ ليوم سِ يُرو اسَسُئِي.

3

غافِلِ! غَفِلَتَ چوڙِ! تُون ڪِيئن، اَٽاسِي! اوجِهرين؟
چُپاتا جَڙهِي ويا، وچِي پَهُتا توڙِ؛
نيٽين نِندَ اُڪوڙِ، جِمَ وَرَنِ ؟ واڪا ڪَرِين.

4

آلوڙو اَڪينِ، آيَم نِندَ اَياڳَ ڪي!
هاٽي هِنَ پَنيورَ ؟، گهارِيان ڪارَڻِ ڪِنِ؟
اَديُون! اونِـيَڙَنِ، هِنئين سان هاجو ڪَيو.

5

سُتِينءَ پَير دِگها ڪَري، وَڏِي جاڙَ ڪَياءِ؛
دَرَ پَرِ اُڀِئين دوسِتَ جي، ته سُرِ پُرِ هُوندَ سُياءِ؛
اَصلِ آرِيءَ جامَ جِي، سَڳِي تُون نه سِياءِ؛
پُنهُونءَ سين پِياءِ؛ ثِي، نِياڳِي! نِندُون ڪَرِين!

6

اِيُ ڪَمُ ڪَمِيٽِيَنِ، جِئن سُمَهَنِ پيرَ دِگها ڪَري؛
لوچِين چو نه، لَطِيفُ چئي، هارِي! لَءِ هوتَنِ؛
نِندان نِياڳِينِ ڪي، اوياڻا اَچَنِ؛
سي پُنهُون ڪوه پُڄَنَ؟ جي سَنجهي رَهَنِ سُمهِي.

7

سُتِينءَ سَنجهيئِي، مُنهُن ويڙهي مُئِنِ جِئَن؛
اوجاڳو اَڪِيُنِ ڪي، جاتوءِ نه ڏيئِي؛
هَٿان تو پيئِي، ثِي ڪِچو ڪيچِيُنِ ڪَرِين!

سُر ديسي

داستان پهريون

1

ڏاگَهنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگَـرَنِ، ڏِنهي ڏِنَمِ ڏُکَ؛
سي سَپِ پانيَمِ سُکَ، هيڪاندِ ڪارَڻِ هوتَ جي.

2

ڏاگَهنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگَـرَنِ، ڏُکَنِ آئُون ڏَڌِي؛
پُڇان پيرُ پُنهونءَ جو، وِجهان وِکَ وَڌِي؛
لِڪِئي آئُون لَڌِي، ناتَ پَٿَنِ ڪيرَ پَندُ ڪَري.

3

اَڳَڻَ مَٿي اوپِرا، جڏهن ڏاگها ڏِٺَءِ ڏِينهَن؛
وَنِي سَڌَڪَ، سَسُئِي! ويهُ وِهاڻِيءَ سِيئَن؛
چوٽي سين چانگَنِ کي، جَڙِ زَنجِيرُن جِيئن؛
ته هوتُ تُنهنجو هِيئن، هوندِ پُنهون نيائُون نه پاڻَ سين.

4

اَڳَڻَ مَٿي اوپِرا، جڏهن ڏاگها ڏِينهَن ڏِٺاءِ؛
ڪُنجُون جي قُفِلَنِ جون، تان ڪنهن لَلِ لِڪاءِ؛
ته سُپا ٽي سَندِياءِ، ٿِئي سارُوڻِي سَسُئِي!

5

اَڳِي اُٺَ رَڙَنِ، مُونِ پيري ماٺِ ٿِئِي؛
پَلاڻِيندي، پاڻَ □، ڪُڇِيو ڪِينَ ڪُنَنِ؛
ڪا جا مامَ مُنَنِ، هِنِ پڻ هُئِي هُنَ سين.

6

چا چِي ڏِنگا ڏيرَ، مُنهنجو ڏِينهن ڏِنگو مَ ٿِئي!
اُنَنِ □ اوٺِـيَڙَنِ جي، چِا وَهِيٽو ويرُ؟
هِيَ ڪَمِيٽِي ڪيرَ؟ جا اَمُرَ کي آڏو ڦِري.

7

ديسِي سينَ ڪَجَنِ، پَرَديسِي ڪَهڙا پِرِين؟
لَڏِيو لاڏؤٽا ڪَيو، پَنهنجي ديسِ وَڃَنِ؛
پُڄاڻان پِرِيَنِ، ڪَجي بَسِ پَنيورَ ڪانَ.

8

اُٺَ مَ اوري آڻِ، ڏاگَهنِ ڏَڌِي آهِيان!
هَٽِي هَٿُ هَيَنِ کي، پَري نيئِي پَلاڻِ؛

سُر ڪوهياري

داستان پهريون

1

! لَيلَ نه جاڳِينءَ لِڪَ سِيئَن، ڪُلِّي ۾ُ ڪَياءِ

مُٺِي! مهمانَنِ سين، ويهِي راتِ وِهاءِ؛

جيلان نِندَ ڪَياءِ، تي روزُ رَهِين ٿِي راهَ ٻ.

2

ڪَري اُٿِيا، تَنوارِيو توڏَنِ؛

مَ نَوازِينءَ؛ اُن جي، مَحَبا موڏَنِ؛

رِڙهِي رَسُ روڏَنِ، ا م سِ وُا، سَسُئِي.

3

غافِلِ! غَفِلَتَ چوڙِ! تُون ڪِيئن، اَٽاسِي! اوجِهرين؟

چُپاتا چَڙهِي ويا، وچِي پَهُتا توڙِ؛

نيٽين نِندَ اُکوڙِ، جِمَ وَرَنِ ٻ واکا ڪَرِين.

4

آلوڙو اَکينِ، آيَمِ نِندَ اَياڳَ کي!

هاٽي هِنَ پَنيورَ ٻ، گهارِيان ڪارَڻِ ڪِنِ؟

اَديُون! اونِـيَڙَنِ، هِنئين سان هاجو ڪَيو.

5

سُتِينءَ پَير دِگها ڪَري، وَڏِي جاڙَ ڪَياءِ؛

دَرَ پَرِ اُپِئين دوسِتَ جي، ته سُرِ پُرِ هُوندَ سُياءِ؛

اَصلِ آرِيءَ جامَ جِي، سَگِي تُون نه سِياءِ؛

پُنهُونءَ سين پِياءِ؛ ٿِي، نِياڳِي! نِندُون ڪَرِين!

6

اِيُ ڪَمُ ڪَمِيٽِيَنِ، جِئن سُمَهَنِ پيرَ دِگها ڪَري؛

لوچِين چو نه، لَطِيفُ چئي، هارِي! لَءِ هوتَنِ؛

نِندان نِياڳِينِ کي، اوپالا اَچَنِ؛

سي پُنهُون ڪوه پُچَنَ؟ جي سَنجهي رَهَنِ سُمهِي.

7

سُتِينءَ سَنجهيئِي، مُنهُن ويڙهي مُئِنِ جِئَن؛

اوجاڳو اَکِيُنِ کي، جاتوءِ نه ڏيئِي؛

هَٿان تو پيئِي، ٿِي ڪَچو ڪيچِيُنِ ڪَرِين!

سُر حسيني

داستان پهريون

1

لَڙُ مَ، لاڙائُو ڙِيو، هَلِي ڪَرِ هِمَٿَ؛
سِڄُ سامُهون مُنهَن □، مَتان ڪَرِئين ڪَٿَ؛
سُپيرِيان جي سَٿَ، ٻاڙهي سِڄِ ڳالهِ مِڙِين.

2

اُلَهِي سِڄَ اَويرَ ڪِي، ڏِٺائِين ڏونگَرُ؛
سَسُئِيءَ ڪي سَيَّدُ چئي، سُورَن جو سَمَرُ؛
ڪُنَلِ رَکِيو، ڪَرُ، ويچاريءَ وَٽِڪارَ تي.

3

ويٺي مُون وِيو، لَڙِي سِڄُ لَڪَنِ تان؛
آئُون ڏُورِيندي ڪيترو، پَهَڻن پيرُ پِيو؟
سُورَنِ ساڻُ سِهو، اچي ڙِيُمِ، جيڏِيُون!

4

سَرَتِيُون! سُجي سُڄَ، مَتان ڪا مُون سين هَلي؛
پاٽي ناهِ، پَنڌُ گهڻو، اَڳِيان رائو رُڳِي رُڃَ؛
مَتان مَرِي اُڃَ، ڪا ڏِئي پاراتو پِرِينءَ ڪي.

5

پَٽِيءَ نه پيرونِ، اوڏِيءَ چَڪَ نه چَمِيا؛
پويون هِيُ پيرونِ، نِينهن نِباهي هَليا.

6

سُيءِ ڪا تنوارَ، ڪِي هُنئِين ٿِي هَٿَ ڪَٽِين؛
سَوين رُليُون سَسُئِيون، هوتاڻَنِ هزارَ؛
ٻاروچاڻا ٻارَ، توڙان تَرسُ نه سِڪيا.

داستان ٻيو

1

ڪِي ذَرَتَتِي، ماءِ! ڪِي ڇَرَ سَندِي سَڄَٽين؛
هَلي □ واجهاءِ، ٻِنِين ڇيرَنِ وِچَ □.

2

مَٿيانِ مَٿي مَڇُ، ٻَرِيُمِ ٻاروچَنِ جو؛
مُون کي طَعنا تي ڏِئين، جئَن نه پَرُوڙِئين سَچُ؛

سُر ليلا چنيسرـ

داستان پهريون

1

داغُ تُنهنجو دائِما، ماري مَعذُورِين؛
سائينءَ ڪارَڻِ سُپرين! وَڃِجِ مَ ڏُورِين؛
آءٌ تو حُضُورِين، مَٽِيو وِجهان مَچَ □.

2

مَٽِيو وِجهان مَچَ □، هائِيءَ هِٽِي هارُ؛
سوڀِي! سُڪُ سيَّدُ چئي، ڪَرِئين ڪوهُ قَرارُ؟
راجا رِيساٽو گهٽو، سَٽاٽو سردارُ؛
چؤڏِسِ چَنيسَرَ ڄامَ جو، ڏيهان ڏِ ڍَهڪارُ؛
ٺاڪُرُ اڪِيين ٺارُ، مَٽِـئي تي ٿِي مَٽِئين!

3

چَنيسَرُ چَؤرَنگُ، بِرَنگو لوڪُ بِيو؛
تنهن سين چِنِيو سَنگُ، وَڃِيو هارَ هَٿُ ڇُهِين!

4

مَٽِـئي تي موهِجِي، مُوڙِهِي ڪَيُءِ مَرَڪُ؛
چئِي چَنيسَرَ ڄامَ سين، وِڌو تو فَرَقُ؛
وَرِي ويو وَرَقُ، آيُءِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو.

5

مَٽِـئي مَٿي جي هُئا، تِن چِٽَنِ ڦيرِيُمِ چِٽُ؛
هارُ ڪَٽَندِيَسِ هوڏَ □، نيبُ ٽيندُمِ نِٽُ؛
ڪؤنرُوءَ جو ڪِرِٽُ، مُونهان مَٿاهُون ٿِيو.

6

مَٽِيو ناهِ مَٽِـيُونِ، جو تُون پَسِيِ هارُ هِرڪِـئين؛
طَلِ آهي اَڳِهينِ، سَندِيُون ڪُوڙَ ڪَٽِيـُونِ؛
اِنَ گهوڙَنِ هَنئي گهٽِـيُون، دوسَنِئان دُورِ ڪَيون.

7

تو جو ڀانيو هارُ، سو سُورَنِ جو سَگُرو؛
چنيسَرُ چِٽُ ڪـٽي، ٽِيو پورِهِيَتِ جو پارُ؛
اَوَٽت جو اَچارُ، ڪاندَ ڪَنهِين سين مَ ڪَري.

8

نه ڪِي هو ٻانهَڙِيُنِ □، نه ڪِي ڳَرِ هُئومِ؛

سُر مومل راڻو

داستان پهريون

1

ڪالَهه گَڏِيوسُون ڪاپَڙي، بابُو بيڪاري؛
سامِئَ سيلو سِرَ تي، مالا موچارِي؛
ڏيئِي ڏيڪارِي، ڦَٽي دِلِ فَقِيرُ وِيو.

2

ڪالَهه گَڏِيوسُون ڪاپَڙِي، جَهِڙو ماهُ مُنِيرُ؛
فَيضُ، فِراقُ فَقِيرُ، جوڳِي جاڳائي وِيو.

3

ڪالَهه گَڏِيوسُون ڪاپَڙِي، پَهَرَ سِجَ ڪان پوءِ؛
پَسو سُونهَن سامي‌ءَ جي، رَتَ وَرنو روءِ؛
جو مُنهِن مُومَلَ جي پوءِ، موٽَڻُ تَنهِن مَسَ ٿِئي.

4

ڪالَهه گَڏِيوسُون ڪاپَڙِي، بابُو بانَ بَرِي؛
سائِي سالَ ڪُلَهنِ □، سامِي سونَ سَرِي؛
خَبَرَ ڏي ڪرِي، ڪا مُومَلَ جي مَجازَ جي.

5

بيڪارِيءَ ڪي بَرَ □، وِيو ڪَيفُ چَڙهِي؛
ڳالِهيُون ڪَندي ڪاڪِ جُون، ڳوڙها پِيَسِ ڳَڙِي؛
ڪا جا اَنگُ اَڙِي، جِئَن چُٽا ڦَٽَ چُڙِي پِيا.

6

سِجُّ سُپاٽي جا ڪَرِي، سامِيءَ سائِي رُوءِ؛
بُوءِ؛ اَچي ٿِي عَطُرَ جي، مَنجهان مُگَٿ
سا ڏيڪارِيَهُون جُوءِ، جِئان لاهُوتِي لَعلُ ٿيو.

7

جوڳِيءَ تي جَڙاءُ، نِسوروئِي نِينهَن جو؛
پَتَنگَ جِئَن پيدا ٿِيو، سامِي سِجَّ وَڙاءُ؛
آيو ڪاڪِ تَڙاءُ، ڪُنوارِنِ ڪَڪورِيو.

داستان ٻيو

1

آءُ لانگوٽِيا لالَ! ڪَنهن پَرِ ڏِنِيُءِ ڳُجَرِيُون؛

سُر مارئي

داستان پهريون

1

’اَلَستُ بِرَبِّكُم‘، جَڏهِن ڪَنِ پيومِ؛

’قَالُوا بَليٰ‘ قَلبَ سِيـن، تَڏَهِن تِتِّ چَيومِ؛

تَنهِين ويرَ ڪَيومِ، وَچَنُ ويڙيچَن سِين.

2

جَڏهِن ’ڪُن فَـيَڪُونُ‘، مَنُ تَڏهانڪُون مارُئين؛

تُون ڪِئَن وِڃهين تن ڪي، سُومِرا! شَڪُون؟

هَمِيـرَنِ هَڪُون، جاڙَ جُسي ڪي پاتِــيُون!

3

نَڪا ’ڪُن فَــيَڪُون‘ هُئي، نَڪا مُورَتِ ماهَ؛

نَڪا سُڌِ ثَوابَ جِي، نَڪو غَرضُ گُناهَ؛

هيڪائي هيڪ هُئي، وحدانِّيتَ واهَ؛

لَـڪِيائِين لَطِيفُ چَئي، اُتِ ڳُجهاندَرَ ڳاهَ؛

اڪِــيُـن ۾ اَرواحَ، اِها ساڃاءِ، سُپِرِين!

4

’قَيدُالـماءِ‘ ڙِيوم، هِتِ اَڙانگي گهارِيان؛

’هِناڪَسِڪِ ۾ وَالفُؤَادُ لَدَيڪُمُ‘، هِنئون هُتِّ سَندومِ؛

قادِرُ شالَ ڪَندومِ، ميڙاڪو سِين مارُئين!

5

جَهڙو ’ قَيدُالـماءِ‘، تَهڙو بَندُ نه ڪو بِيو؛

’جَفَّ اَلـقَلَمُ بِـمَا هُوَ ڪائِنٌ‘، لَـهي نه تِـرُ تِئاءِ؛

عُمَرَ! تو هَٿاءِ، اَجائي ڙِئي آجِڙين!

6

رِءَ اِعرابِيُـنِ هِتِّ، گَهنگَهرُ گهارَڻُ مون ڙِيو؛

’بَڪَتِ الـعَيـنَانِ فِـي هَوَاڪَ دَماً‘، پُڄان ساڻُ پِرِتِّ،

مَنُ، اَڪِــيُون، تَنُ تِتِّ، جِتي جَنَبُ جيڏِيـين.

7

هي هَنڌَ، پيٽِيـُونِ هاڻِ، ساڙِيان سڀِ ڏيهيُـن ري؛

’ڪُلُّ شَيءٍ يَرجِعُ اِليٰ اَصلِهٖ‘، ٿي جِهڄانِ جهانگِــيُـنِ ڪاڻِ؛

پِرِي پَنهنجي پاڻِ، پَسان مُلِڪُ مَلِيـرَ جو!

سُر سسئي آبري

داستان پهريون

1

جي سِجهائِي سڪَ، ته پِڻُ سِڪي سَسُئِي؛
پِيتائِين پُنهونءَ کي، هڏِ نه پَڳـِيَسِ هڪَ؛
اِن تَڙَ منجهان تِڪَ، ڏِني پاڻَ اُجَ تئَي.

2

پَسِي جهاجهه جَمال جِي، جنِين پِيتِي پڪَ؛
اَپَرِ اَڳانجهو ٿيو، سُورُ اُنِين کي سِڪَ؛
هڏِ نه پَڳِيَنِ هڪَ، سَدا سائِـرَ سِيرَ □.

3

مُحَبَّتَ جن جي مَنَ □، تن تِـشـنَگِـي تارِ؛
پِي پِيالو اُڃ جو، اُڃَ سي اُڃَ اُڻِيارِ؛
پُنهون پاڻَ پِيارِ، ته اُڃَ سِين اُڃَ اُجهائِيان.

4

مَحَبَّتَ سَندو مَنَ □، پُرُ پِيالو جن؛
پِيَڻَ پَرَچاءُ ناِ ڪو، ڪنهن جنهن ڏاِ ڏَيَن؛
تنهن نِهايَتِ ناِ ڪا، جنهن سُڃا سُڃَ وڃن؛
تيلان اُڃَ مَرَنِ، سَدا سائِرَ سِيرَ □.

5

سَدا سائِرَ سِيرَ □، اَندرِ لَهي نه اُڃَ؛
پَسَڻُ جو پِرينءَ جو، سا سَيائِي سُڃَ؛
تيلان مَرَنِ اُڃَ، سَدا سائِرَ سِيرَ □.

6

ساجَنَ ڪارَڻِ سُڃَ، مَرُ قَبُولي سَسُئِي؛
اَندَرُ جنِين اُڃَ، پاڻِي اُڃِيو اُنَ کي.

7

پاڻِيءَ مَٿي جهوپڙا، مُورکَ اُڃَ مَرَنِ؛
ساهان اوڏو سُپَرِين، لوچي تان نه لَهنِ؛
دَمُ نه سُڃاڻَنِ، دانهون ڪن مُنَنِ جئن.

8

سَسُئِيءَ ڪِينَ سَمجهيو، اوري آريءَ ساڻُ؛
ڪري پيڪُ پُنهونءَ سين، پاڌارِيائِين پاڻُ؛

سُر گهاتو

داستان پهريون

1

گَهنگَهرِيا گَهنءَ ڄانءَ، موڙهِي مَتِ مَهائِيين؛
وِيا گَڏجِي وِيرِ □، پِيا مُنهِن مَهراڻِ؛
اڳيان پويان ٿانءَ، وِيا ويچارَنِ وِسري.

2

ماڪَ پِڄايَنِ مولِهيا، مٿان راتِ پئِي؛
اولِيون اُجَهنءَ لَڳِيون، وِيا وَنجَهه وَهِي؛
ڪَلاچِيانِ ڪَهي، ڪَڏَهِن ڪونه آئِيو.

3

ڪو جو قَهَرُ ڪلاچ □، گِهڙي سو نِئي؛
خَبَرَ ڪونه ڏِئي، رَڃَ ڪُڄاڙي رَندِيا؟

4

ڪالهه ڪَلاچِيءَ ويا، چَتِيُون ڪٽي چُڳِيرَ؛
پائِرَنِ پيرو نه ڪَيو، اَدَنِ ڪِي اَويرَ؛
اهڙِي خاصِي ڪيرَ، ڪُنَّ ورائي جَهلِي.

5

تَرِيُون پَسان نه تارِ □، جُهڳا جاءِ نه ڪَنِ؛
مادَرِ! ملاحَنِ، ماڳِ نه ڍويا مَڪُڙا.

6

ڏِهاڙِي ڏِنَم ڪيتِرا، جنِين مارِيو موڪَ؛
گَهرَ □ گهاتُوئَڙَنِ جا، ٿا مارِينِم ٿوڪَ؛
لَڏي وِچان لوڪَ، اُونهي ويا اَوهِرِي.

7

اُپِي اوسِڙان اُسَ □، جَهليو ڪُنَّ ڪِنارَ؛
گهاتُو گهرِ نه آئِيا، وَڏِي لَڳِيَنِ وارَ؛
هُيَسِ جنِين هارَ، سي موڙي چَڙِهيا مَڪُڙا.

8

جِتي گهورِيو گهاتوئِين، تِتي وارِيءَ بُٺَّ؛
سَهسين ساٿي مُٺَّ، سَرُ سُڪو، سُونگِي گَيا.

9

مُون اُڌارِيا مَچَڙا، اللهَ! گهاتُو آڻِ،

سُر سورٺ

داستان پهريون

1

اَللهَ جي آسَ ڪري، هَليو هِيائِين؛
چارَڻَ ٻَڌا چَنگَ کي، جُهوڙا □ جهائِين؛
ڏولِي راءِ ڏياچَ جي، ڏُوران ڏِٺائِين؛
وَينَتِي واحِدَ دَرِ، تَنهِن ويرَ ڪَيائِين؛
“سَڀاجها سائِين! راءُ رِيجهائِين راڳَ سين.”

2

”پَرِديسان پنڌُ ڪَري، هلِي آيو هُون؛
اُونچو تون عرشَ تي، آن پورو مٿي پُون؛
ڪِيئَن تُسَندين تُون؟ هِيُ سِرَ سوالِي مَگڻو.“

3

”پَرديسان پنڌُ ڪَري، سُٽَي آيُسِ شانُ؛
مَگان ڪَهڙِي مَتِ سين؟ نِسورو نادانُ؛
سو ڪو ڏِيارئِين ڏانُ، جو طَمَعَ کي تَرَڪُ ڪَري.“

4

”سَردِيءَ سالِمُ نه رَهان، گَرمِيءَ ٿِيان گُدازُ؛
اَمَنُ ڏيجِ اَمانَ تون، سائِلُ هَٽي سازُ؛
رَبابِيءَ کي رازُ، خالِصُ ڏيجِ خَلِيلَ جو.“

5

”تو دَرِ آيُسِ راڄِيا: جاجِڪُ وٺي جِيُّ؛
ڪَنان ’نارُ حامِيَ□‘، هاڻِ بَچائِجِ هِيُّ؛
والي! ڏِيارِئِي وِيُّ، جِتِ آهي ’جَنَّاتُ عَدنِ‘.“

6

”ٻِيا دَرَ ڏيئِي ٻَنَ کي، آيُسِ تُنهِنجي دَرِّ؛
سُونهارا سورَٺِ وَرَ! ڪا مُنهِنجِي ڪَرِّ؛
ٻِلا! پيري پَرّ، پالهو پانڌُ پينارَ جو.“

داستان ٻيو

1

جاجِڪُ جُهوناڳَڙِ□، ڪو عَطائِي آيو؛
تَنهِن ڪامِلَ ڪَڍِي ڪِينَرو، ويهِي وَڄايو؛

سُر ڪيڏارو

داستان پَهريون

1

ڏِنو مُحَرَّمُ ماهُ، سَنڪــوِ شَهـزادَنِ ٽِـيـو؛
ڄاڻي هيـڪُ اَللهُ، پاڻَ وَٽَندِيُون جو ڪَري.

2

مُحَرَّمَ موٽِي آئِيو، آئِيا تان نه اِمامَ؛
مَدِيني جا ڄام مؤلا، مُون کي ميڙِئين!

3

مِيرَ مَدِينِئانِ نِڪِري آئِيا نه موٽِي؛
ڪارا رَڱِجِ ڪَپِڙا، اَدا نِيروٽِي!
آن تنِين لَءِ لوٺِي، جي مِيرَ مُسافِرَ رانئـِيا.

4

سَخِتي شَهادَتَ جِي، مِڙوئِي مَلا رُ؛
ذَرِو ناهِ يَزِيدکي، اِي عِشَقَ جَوآثارُ؛
ڪُسَڻَ جو قَرارُ، اَصُلُ اِمامَنِ سين.

5

سَخِتِي شَهادَتَ جِي، نِسورِو ئِي نازُ؛
رِندَ پَرُوڙِينِ رازُ، قَضِيي ڪَربَلا جو.

داستان ٻيو

1

چَندَ وِهاڻِيءَ چَڙِهيا، مَلَّه مَدِينِئانِ مِيرَ؛
اُنِ سين طَبَلَ، بازَ، تَبَرُون، ڪُندَ، ڪَٽارا، ڪِيرَ؛
عَلِيءَ پُٽَ اَمِيرَ، ڪَندا راڙو رُڪَ سين.

2

ڪَرَبَلا جي پِڙَ □، خِيما کوڙِيائُون؛
جهيڙو يَزِيدَ سامُهون، جُنبِي جوڙِيائُون؛
مُنهُن نه موڙِيائُون، پَسِي تاءُ تَرارِ جو.

3

ڪامِلَ ڪَرَبَلا □، اَهلِ بَيِ□تَ آئِيا؛
ماري مِصِرِيُنِ سين، تن ڪافَرَ ڪَنبايا؛
سَچُ ڪِه بِيبِيءَ ڄايا، هَهڙا سُورِهَ سُپِرِين.

سُر سارنگ

داستان پهريون

1

آڳَمِيو آهي، لَڳِ پَسُ! لَطِيفُ چئي؛
وُٺو مِينهُن وَڏَ ڦُڙو، کَڏو ڏَٺَ ڪاهي؛
چَنَ چَڏي پَتِ پَئو، سَمَرُ سَنباهي؛
وِهو مَ لاهي، آسِرو اَللهَ مان.

2

آڳَمَ ڪَيا اَللهَ، لَڳِ پَسُ! لَطِيفُ چئي؛
پَلَرَ جي پالُوٺَ سين، پَٿَرِ جَهلِيا پاهَ؛
واحِد وَڏائِي ڪَيا، مَٿي ڳَسَنِ ڳاهَ؛
سانگِيُن وَرِيا ساهَ، اُتُنِ آبُ اَگُوندِرو.

3

آڳَمَ اِيَ نه اَنگَ، جَهڙو پَسَڻُ پرينءَ جو؛
سيٽَنِ رِءَ سَيَّدُ چئي، رُوحَ نه رُچَنِ رَنگ؛
سَهَسين ٿِيا سارَنگَ، جاني آيو جُوءِ [illegible].

4

جانِي آيو جُوءِ [illegible]، ٿِيو قَلبَ قَرارُ؛
وَهِلو وِچائِين وِيو، ڪَري غَمُ گُذارُ؛
نِظارو نِروارُ، پِي پَسايو پانهِنجو.

5

اَڄُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، تاڙي ڪِي تَنوارَ؛
هارِيُنِ هَرَ سَنباهِيا، سَرَها ٿِيا سَنگهارَ؛
اَڄُ پڻ مُنهنجي يارَ، وَسَڻَ جا ويسَ ڪَيا.

6

اَڄُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪارا ڪَڪَرَ ڪيسَ؛
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ڪَري لَعلُ لِبيسَ؛
پِرِين جي پَرِديسَ، مُون کي مِينهَن ميڙِيا.

7

اَڄ پڻ اُميدُون، آڳَم سَندِيُون اُپَ [illegible]؛
ساوَڻُ پَسِي، سَرَتِيُون! سَڄَڻُ سارِيو مُون؛
اَئُونِ آسائِتي آهِيان، مانَ پِڄائي پُون؛
گَهرِ ته گُهرجِين تُون، مُندَ مڙيئِي مِينهَن جِي؛

سُر آسا

داستان پهريون

1

لوچان تِي لاحَدَ ، هادِيءَ لَهان نَه حَدُّ؛
سُپيرِيان جي سُونهَن جو، نَڪو قَدُ نَه مَدُّ؛
هِتِ سِڪَڻُ بي عَدَدُّ، هُتِ پِرِينءَ پَرِوا ناهِ ڪو.

2

”آئُون“ سين اُنَ پارِ، ڪَڍِهن تان ڪونَه پيو؛
”اِنَّ اللهَ وِترٌ يُحِبُّ الوِتر“، نيئِي پِيائِي بارِ؛
هيڪِڙائِيءَ وَتِ هارِ، هَنجُون جي هُئَڻَ جُون.

3

بَنِ! پيائِي، سُپِرين! پاٽان مُون کي پَلِ؛
”آئُونَ“ اورِيان جَهلِ، توکي رَسي ”تو“ ڏَٺِي.

4

هُو پِڻُ ڪونهي هِنَ ري، هِيُ نَه هُنَهان ڌارَ؛
”اَلاِنسَانُ سِرِّي وَ اَنَا سِرُّهٗ“، پَرُوڙِجِ پَچارَ؛
ڪَندا وِيا تَنوارَ، عالِمَ عارِفَ اهڙِي.

5

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ نِمازَ؛
سَپِ وِجائي سازَ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَئو.

6

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ سُجُودُ؛
وِجائي وُجُودُ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَئو.

7

نابُودِيءَ نيئِي، عَبدَ کي اَعلىٰ ڪَيو؛
مُورَتَ مَخفِي ٿِيا، صُورَتَ پِڻُ سِيئِي؛
ڪَبِي اِتِ ڪيهِي؟ ڳالِهه پِرِيان جي ڳُجَهه جِي.

8

جن وِجايو وُجُود کي، سي فانِي ٿِيا ”فِي اللهَ“ ؛
نه تِنِ قِيامُ نَه قُعُودُ ، نه ڪو ڪَنِ سُجُودُ؛
جيلان ٿِيا نابُودُ، تيلان ڳَڌِيا بُودُ کي.

داستان ٻيو

سُر سارنگ

داستان پهريون

1

آڳَمِيو آهي، لَڳَ پَسُ! لَطِيفُ چئي؛
وُٺو مِينهُن وَڏَ ڦُڙو، ڪَڍو ڏَنَ ڪاهي؛
ڇَنَ ڇَڏِي پَٽِ پَئو، سَمَرُ سَنباهي؛
وِهو مَ لاهي، آسِرو اَللهَ مان.

2

آڳَمَ ڪَيا اَللهَ، لَڳَ پَسُ! لَطِيفُ چئي؛
پَلَرَ جي پالُوٺَ سين، پَٽَنِ جَهلِيا پاهَ؛
واحِد وَڏائِي ڪَيا، مَٿي گَسَنِ گاهَ؛
سانگِيُن وَرِيا ساهَ، اُنُنِ آبُ آگُوندِرو.

3

آڳَمَ اِيَ نه اَنگَ، جَهڙو پَسَڻُ پرينءَ جو؛
سيٹَنِ رِءَ سَيَّدُ چئي، رُوحَ نه رُڄَنِ رَنگ؛
سَهَسين ٿِيا سارَنگَ، جاني آيو جُوءِ □.

4

جانِي آيو جُوءِ □، ٿِيو قَلبَ قَرارُ؛
وَهِلو وِچائِين وِيو، ڪَري غَمُ گُذارُ؛
نِظارو نِروارُ، پِي پَسايو پانهِنجو.

5

اَڄُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، تاڙي ڪِي تَنوارَ؛
هارِيُنِ هَرَ سَنباهِيا، سَرَها ٿِيا سَنگهارَ؛
اَڄُ پڻ مُنهنجي يارَ، وَسَڻَ جا ويسَ ڪَيا.

6

اَڄُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪارا ڪَڪَرَ ڪيسَ؛
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ڪَري لَعلُ لِبيسَ؛
پِرِين جي پَرِديسَ، مُون کي مِينهَن ميڙِيا.

7

اَڄ پڻ اُميدُون، آڳَم سَندِيُون اُپَ □؛
ساوَڻُ پَسِي، سَرَتِيُون! سَجَڻُ سارِيو مُون؛
آئُون آسائِتي آهِيان، مانَ پِجائي پُون؛
گَهرِ ته گُهرجِين تُون، مُندَ مڙيئِي مِينهَن جِي؛

سُر آسا

داستان پهريون

1

لوچان ٿِي لاحَدَ □، هادِيءَ لَهان نَه حَدُّ؛
سُپيرِيانِ جي سُونهَن جو، نَڪو قَدُ نَه مَدُّ؛
هِتِ سِڪَڻُ بي عَدَدُّ، هُتِ پِرِينءَ پَرِوا ناهِ ڪو.

2

آئُونِ“ سين اُنَ پارِ، ڪَڍِهن تان ڪونَه پيو؛”
اِنَّ اللهَ وِ ترٌ يُّحِبُّ الوِترَ“، نيئِي بِيائِي بارِ؛”
هيڪِڙائِيءَ وَتِ هارِ، هَنجُون جي هُئَڻَ جُون.

3

بَنِ! بِيائِي، سُپِرِين! پاٹان مُون ڪي پَلِ؛
آئُونَ“ اورِيان جَهلِ، توکي رَسي ”تو“ ڏَٹِي”.

4

هُو پِڻُ ڪونهي هِنَ ري، هِيُ نَه هُنَهان ڏارَ؛
اَل□ِ□سَانُ سِرِّي□وَ اَنَا سِرُّهٗ“، پَرُوڙِجِ پَچارَ؛”
ڪَندا وِيا تَنوارَ، عالِمَ عارِفَ اهڙِي.

5

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ نِمازَ؛
سَڀِ وِڃائي سازَ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَئو.

6

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ سُجُودُ؛
وِڃائي وُجُودُ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَئو.

7

نابُودِيءَ نيئِي، عَبدَ کي اَعلىٰ ڪَيو؛
مُورَتَ □ مَخفِي ٿِيا، صُورَتَ پِڻُ سِيئِي؛
ڪَبِي اِتِ ڪيهِي؟ ڳالِهه پِرِيان جي ڳُجَهه جِي.

8

جن وِڃايو وُجُود کي، سي فانِي ٿِيا ”فِي اللهَ“ □؛
نه تِنِ قِيامُ نَه قُعُودُ □، نه ڪو ڪَنِ سُجُودُ؛
جيلان ٿِيا نابُودُ، تيلان گَڏِيا بُودُ کي.

داستان ٻيو

سُر رپ

داستان پهريون

1

گُوندَرَ ڪَيو غَرَقُ، ماءُ! مُنهنجو جِندُڙوءِ
ڏُڪويُنِ مَرَڪُ، مَٿي سَڳِـرَ پَنڌڙَو.

2

گُوندَرَ گَڏِياسِ، صِحَتَ نِيَٽِرِيَمِ سَڄَڻين؛
مادَرِ! مارِياسِ، ڦوڙائي پِرِينءَ جي.

3

گُوندَرَ هَٿَ نه پيـرَ، وِرِهُ مَنجِهينِ وَهَٽو؛
ڪُڙهِ □ قطارُون ڪَري، سُورَنِ لَايا سيـرَ؛
مُون جِئَن گهاري ڪيـرَ، هيڪِلي رِءِ سَڄَڻين؟

4

اُني جِئَن مورَنِ، اوپَرَ وَلَهارَنِ □؛
سا پَرِ گُوندَرَ ڪَنِ، جُه ڦوڙائو سَڄَڻين.

5

ٻِرَنِ □ ٻِرَهيج، روئي ڪَجِ مَ پَڌِرا؛
تان سُوراٽي سَهيجِ، جان لا هِيندَڙُ ڪو لَهِين.

6

ٻُرَ □، ڳُجهو روءُ، پَڌَرِ وِجُهه مَ پَرِينءَ ري؛
سُورَنِ سُپَرُ هوءُ، هِنئَڙا! ڪُمَ ڪَنَنِ جِئَن.

7

جاءِ نه سَڄو ڏِينهُن، هِنئَڙو اوني وَڳَ جِئَن؛
مُون پِرِيان سين نِينهُن، چِنَڻَ ڪارَڻِ نه ڪَيو.

8

پَلَ پَلَ □ پَلِيانس، پَلُ نه رَهي پِرِينءَ ري؛
جِئَن جهوريءَ ڪان جَهلِيانسِ، جِهجِيو تِئَن جهوريءَ پَوي.

9

ڪَڪَرَ مَنجِهه ڪَپارَ، جُهڙُ نيٽَنئُون نه لَهي؛
اَڄُ مُنهنجِي چِتَ □، اُتا پِرِين اَپارَ؛
آءُ سَڄڻ! لَـهُ سارَ، وِرِهَ ويڙهِي آهِيان.

10

مُون مَنجهيئي مِينهُن ڪوهُ ڪَرِينديَسِ ڪَڪَرين؟

سُر ڪاهوڙي

داستان پهريون

1

ڪاهوڙِيُنِ خَفِّيءَ سين، سوجهي لَڌو سُبُحانُ؛
عاشِقَ اَهڙي اَڪَرين، لَنگهِيا لا مَڪانُ؛
هُوءِ □ گَڏِجِي هُوءِ ٿِيا، بابُوِ جِي بِريانُ؛
سَپوئِي سُبُحانُ، آيو نَظَرُ اُنَنِ جي.

2

مُون سي ڏِٺا، ماءِ! جنِين ڏِٺو پِرينءَ کي؛
رَهِي اَچِجي راتڙِي، تن جُنگنِ سَندِيءَ جاءِ؛
تنِين جِي ساجاءِ، تُرهو ٿِئي تارِ □.

3

ويئُون پَبِ پَـئِي، ڪيرُون ڪاهوڙِيُن جُون؛
آئُون تن ڏوٿِيُنِ جو، پُڇان پيرُ، پَهِي!
رُڄُنِ راتِ رَهِي، ڏُونگر جَنِين ڏورِيا.

4

تُون هَڏِ ڪُڄاڙِيا، سَنجهي سَعيو نه ڪَرِين؟
سَوارا سَندَ ڪَـٽِي، ڪاهوڙي وِيا؛
آٽِيندين ڪِيا، ڏُٿُ ڏوراٽي ڏِيهَ جو؟

5

ڏوٿِي سا ڏورِين، جا جُوءِ سُئِي، نه ٻُڌِي؛
پاسا مَٿي پاهَٽين، ڪاهوڙي ڪوڙِين؛
وِڃا اُتِ ووڙِينِ، جِتِ نِهايَتَ ناهِ ڪا.

6

يَڪُلِيا پُوٺَنِ، ڌَڙَ کي گَڏِيو ڏُوڙِ □؛
ڳالِهيُون، گَهلي لَوڪَ سين، پَڌرِ پَـئِي نه ڪَنِ؛
ڪا مُلِ آهي تَن، مُون پِريان جي ڳالَهڙِي.

7

تان وَنئُن ويـهِي آءُ، اگَٿ ڪاهوڙِيُنِ جي؛
جوشَ ڏِنائُون جِيءَ کي، لِڪائي لَوڪاءُ؛
ڏوٿِيُنِ ڪـنهن ڏُڪاءُ، سُمهِي سُک نه ماڻِيو.

8

ڏُٿُ نه ڪُتو ڏوٿِيين، جيڪِي ڏُٿُ ڪَرِينِ؛

سُر بروو سنڌي

داستان پهريون

1

چا ڪي وَڃيو چو، ٻيلِي ٽِئين ٻـيَنِ جو؟
وَٺُ ڪَنجَڪَ ڪَرِيمَ جِي، جَڳَ جو والِي جو؛
سَؤڪو هُوندو سو، جنهن جو عِشـقُ اَللهَ سين.

2

جِئَنِ کا کانِي کانهَن، لُسَندي لاتِيون ڪَري؛
آچِي پَئي اوچِتِي، دَرِدَ پِريان جِي دانهَن؛
ويجَ! ڏَنِيئين ڪُ ٻانهَن؟ سُورَهِنئين کي سامُهان.

3

ڏَرَتِي ڏُونَ جِئَن، سِرَ پَرِ سُپيرِيُنِ ڏي؛
لَڳو آهِ، لَطِيفُ چئي، تَنُ پِريان ڏي تِئَن؛
حاصُلُ تِئي هِئَن، قَرِينو قَرِيبَ جو.

4

لَڳِيءَ جو، لَطِيفُ چَئي، نڪو قال نه قِيلُ؛
لِڪـئي لامُون کوڙِيُون، نيٽين وَهي نِيرُ؛
هِنئَڙا! تِيُ سُڌِيرُ، ڪالهه قَرِيبَنِ لَڏِيو.

5

ڪي اوڏائِي ڏُورِ، ڪي ڏُورِ به اوڏا سُپِرِين؛
ڪي سَنِيرِجَن نه ڪَڏهِين، ڪي نه وِسرَنِ مُورِ؛
جِئَن مينهِن ڪُنڊِيءَ پُورِ، تِئَن دوسِتَ وَراڪو دِلِ سين.

6

ڪوٺي ڪُنائُون، اَڄُ پڻ اَڪَٽِرِيُن سين؛
ماسُ وِراهي هَلِيا، ڪَرنگَلُ ڇَڏِيائُون؛
”وَتَوَاصوَ ابِا ۡحَقِّ وَتَوَاصوَ ابِالصَّبرِ“ اِئين اُتائُون؛
مُئِي مارِيائُون، ڪِـلِي گهاَئِيو سَڄَٽين.

7

ماڙهُو گُهرِنِ مالُ، آئُون سَپ ڏِينهَن گُهران سُپرِين؛
دُنيا تَنهن دوسِتَ تانِ، فِدا ڪَرِيان فِي الحالُ؛
ڪَيَسِ نامَ نهالُ، پَسَڻُ تان پَري تِيو.

8

ڪَڏَهِن طاقِيُون ڏِينِ، ڪَڏَهِن ڪُلَنِ دَرَ دوسِتَنِ جا؛

سُر رامڪلي

داستان پهريون

1

نُورِي □ نارِي، جوڳِــيَڙا جَهانَ □؛
ٻَري جن ٻارِي، آءٌ نه جِئندِي اُنِ ري.

2

جوڳِــيَڙا جَهانَ □، هُئا مَنجِھ حَمامَ؛
آرامان اَرَڳُ ٿِيا، اوڏا نه آرامَ؛
ڪَيائون قِيامَ، آءٌ نه جِئندِي اُنِ ري.

3

وارو! ويراڳِــيُنِ ڪي، ويلَ مَ وِساريجِ؛
قَدَمُ ڪاپَڙِيُنِ جا، لِيلائي لَهيجِ؛
پِــيرَتَ پَسِيو پَٽَ جي، وَڃَڻَ ڪي وِڇيجِ؛
راتو ڏِينهَن رِڙهيجِ، آءٌ نه جِئندِي اُنِ ري.

4

واجَٽَ ويراڳِــيُنِ جا، مُون وَٽِ وَڏِي وَٽُ؛
سونُ سَپوئِي سِڱــيُون، پَسِي ڪِينَ مَ ڪَٽُ؛
ويساهي ويلَ ڪَنهين، پُورَبِ ويندو پَٽُ؛
هَلُ! ڪَنيائُون هَٽُ، آءٌ نه جِئندِي اُنِ ري.

5

واجَٽَ ويراڳِــيُنِ جا، مُون وَٽِ وَڏو مالُ؛
مَقالان مَهَندِ ٿِيا، ڪونهي وَٽِنِ قالُ؛
حاصُلُ جنِين حالُ، آءٌ نه جِئندِي اُنِ ري.

6

جان ڪِي مُون ڪي ني، پَڳِ□ پائي پاڻَ ڏي؛
ٻِ پَرُوڙِيَمِ پَٽَ جا، مَنجهان ڪِينَرَ ڪي؛
هاٽي جي هِنئي، آءٌ نه جِئَندِي اُنِ ري.

7

سَتُرُ سِڱَڙيُنِ سين، لَحظي لاٿائُون؛
ڪِينَرَ ڪُنِي آهِيان، اُنِهن جي آئُون؛
مُون ڪي مارِيائُون، آءٌ نه جِئَندِي اُنِ ري.

8

ميڙِيو پاڻُ پَرِيون ڪَيو، جوڳِي جَلائِينِ؛

سُر ڪاپائتي

داستان پهريون

1

توٽي تُون ڪاتارِ، جِمَ هيڪِلِي پيرِئين؛
ڏِنِي ڪا ڏُئارِ، صَرافَ اِنَهِين سُتَ □.

2

جان ڪَتِين تان ڪِتُ، هِيءَ هَڏِ وِهاٽِي؛
ڪاپائِتِي سَپَڪا، ڪِتي سيباٽِي؛
ڄاتو جِن ڄاتِي، تِنِ هَٿان پَهِي نه چَڏِي.

3

هيءَ هَڏِ وِهاٽي، جان ڪَتين تان ڪِتُ؛
ڪو پنَهِنجي عِيدَ ڪي، پيري ڪَڄِ پَرَتُ؛
مَتان روئِين رَتُ، صُباحَ وِچَ سَرتِيين.

4

ڪَتَڻَ جي ڪانه ڪَرِين، سُتِي ساهِينِ هَڏُ؛
صُباحَ ايندَءِ اوچِتو، عيدَ اُڳهاڙَنِ ڳَڏُ؛
جِتِ سَرتِيون ڪَندَءِ سَڏَ، اُتِ سِڪَندِينءَ سينگارَ ڪي.

5

اَڄُ پڻ اُجَهڻَ ڪي مَرِين، نَڪِي ڪِتُءِ ڪالَ؛
پوري! توسين پالَ، ڪانڌُ ڪَرِيندو ڪيترا؟

6

اَڄُ پڻ اُجَهڻَ ڪي مَرِين، نَڪِي ڪِتُءِ ڪالَ؛
مونا اُنجِي اُڪَڙِياَ، اَرتَ ڍَرڪِي مالَ؛
هَيءِ! تِنِين جي حالَ، جن ڪاپِي منجهان ڪِينَ ڪَيو.

7

سي تو ويهي وِچائِيا، جي ڪَتَڻَ سندا ڏينهَن؛
اَرتَ اوڏِي نه تِئين، پوري! پوري سِيئَن؛
ڪَنڌُ ڪَٽندِينءَ ڪِيئَن، اَڳِڻِ عجِيبَنِ جي؟

8

سونَ سارِيڪا هَٿَڙا، ڪوهُ نه ڪَتِين رَڏِ؟
ويهِي ڪُنڊَ، ڪاپو ڪَرِ، ڳُهتُون گوهِيُون چَڏِ؛
ته صَرافاٽي سَڏِ، مَرَڪِيو هُوندَ مَتائِيين.

9

سُر پورب

داستان پهريون

1

ڪري، ڪانگَ! ڪُرنِشُون، پيرين پِرِينءَ پَئيجِ؛
آءٌ جو ڏِيَنئِي سَنِيهو، وِچ مَ وِساريجِ؛
اَللهَ لَڳِ، لَطِيفُ چئي، ڳُجهو ڳالِهائيجِ؛
جُئان تِئَن چئيجِ، ته ڪِنياتا! خوشِ هُئين.

2

آءُ اُڏامِي، ڪانگَڙا! پارانپانِ پَچارِ؛
ويـهِي هِتِ وِصالَ جو، تان ڪـو تِرُ تَنوارِ؛
جي دِسَڻَ ۾ ڏيسارِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرِين.

3

پارانپانِ پَچارِ، مٿي لامَ لَطِيفُ چئي؛
ڦيرِ مَ فَضِيلَتَ تُون، جا ڪُرَ اَوَان جِي ڪارِ؛
جي ڏِٺي ۾ ڏيٺارِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرِين.

4

وَهِلو وَرُ، وَرِيا پِرِين، آءُ ڪانگا! لَنئُن لاتِ؛
وِيا جي قَلاتِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرِين.

5

ڪانگَلَ! سي ئِي ڪوٺِ، پِرِين جِي پَرڏيِ وِيا؛
جِنِين رِءَ جَهانَ ۾، اَڪَٿِرِيُن اروٺِ؛
اللهَ لَڳِ، لَطِيفُ چئي، ڪَجِ ڳاراچو ڳوٺِ؛
جي ڏَمِرِيا ڪَنهِن ڏوٺِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرِين.

6

پِرِين جي پَرديسَ ۾، تِنِ جي ڪانگا! ڪَجِ خَبَرَ؛
ته سَڀِ مَٿَهايان سونَ سين، پکِي! تُنهِنجا پَرَ؛
گُهمِي مَٿان گهرَ، ڏِجِ پارانپا پِرِينءَ کي.

7

ڪڍِي، ڪانگا! تو ڏِيان، هِنئون ساڻُ هَٿَنِ؛
وَڃي ڪاءُ وِلاتَ ۾، اڳِيان عَجِيبَنِ؛
پِرِين مانَ چَوَنِ، ته هِئَن قُرِبانُ ڪيرُ ٿِئي!

8

ڪانگَلَ قَرِيبَنِ جا! اچِي وائِيءَ وَڻُ؛

سُر ڪارايل

داستان پهريون

1

”هَدَهَ“ وائِي، چَڙِهندي چَيائِين؛”
سو لُڙُ لَنگهِيائِين، جِتي پارَڪَ پَکِيان.

2

ٻَگَهنِ سين ٻاڻُ هَٽِي، اُڏاڻو آڪاسِ؛
جِتي پِرِين سَنداسِ، سو سُر مَٽي هَنجَڙو.

3

اڪڙيُون اوڙاهَ ۾، اُيو تَڪي تارِ؛
پِڻُون جي پاتارِ، هَنجُ تِنِين جو هيرَئُون.

4

وَڃِين نه پيهِي، پِڻُن لَءِ پاتارَ ۾؟
ڪنڌِيءَ ۾ ڪيهِي، هاجَ تُنهنجِي هَنجَڙا.

5

تِيو حُضُورِي هاڻِ، سوجها پِيَسِ سَرَ جي؛
ڪَندي لَڌِي ڪاڻِ، پَڪِيَڙي پاتارَ ۾.

6

اچو پاڻِي لُڙُ تِيو، ڪالُورِيو ڪَنگَنِ؛
اِيندي لَڄَ مَرَنِ، تَنهن سَرَ متي هَنجَڙا.

7

هَنجَنِ سين هيڪارَ، جي ڳُڻَ ڪري نِهارِئين؛
ٻَگهنِ ساڻ ٻِيهارَ، ٻيلهِ نه ٻَڌِين ڪَڌِهِين.

8

آءُ اُڏامِي هَنجَڙا! سَرَ ۾ سارِينَئِي؛
مَتان مارِينَئِي، پاڙِهيري پَهُ ڪَري.

9

ڪَؤنرَ پاڙُون پاتارَ ۾، پَؤنر پِرِي آڪاسِ؛
ٻِنين سَندي ڳالِهڙي، رازِقَ آندِي راسِ؛
تَنهِن عِشقَ کي شاباسِ، جَنهِن مُحبَتي ميڙِيا.

10

ڪَؤنر پاڙُون پاتارَ ۾، پَؤنرُ پِري ۾ سُجَ؛
ٻِنِين سَندِي ڳالهڙِي، عِشق اِيُّ اُهجَ؛

سُر پرياتي

داستان پهريون

1

اِيُّ نه پانَنِ پيرُ، جِئَن كينَرُ كِيرِيءَ ٿَنگِيو؛
سُونهاري صُبُوحَ سين، وِجِهي وِيئين ويرُ؛
توكي چَوَندو كيرُ، كِيرَتَ ڏاران مَگَـٽو؟

2

سُتو كِئَن نِندُون كَرِين، رو وِهاڻِيءَ روءِ؛
سُپان ساڙُ سندوءِ، پِيو هُوندو پَٿَ □.

3

سيراندِيءَ ساڙُ كيو، سُمهِين سارِي راتِ؛
جاجِكاٽي ذاتِ، اِيَ هوءِ اَگِهين؟

4

جنِين سُكُ ناهِ كو، چارَڻَ سي چَئِجَنِ؛
رُجُنِ راهَ پُڇَنِ، مٿي كُلَهنِ كِينَرا1.

5

مُوڙهو پُٽين مَگَـٽا! كيڏانهن هُئين كالَ؟
لَنگها! چَڏِ، لَطِيفُ چئي، اُجَهڻَ جا اَفعالَ؛
سَپَڙَ دَرِ سُوالَ، كَرِ ته قيمَتَ آڻِئين.

6

چارَڻُ لَگو، پَندُ گهٽو، كِي چوتاڻِيءَ چَئيجِ؛
هِتِ كِي هلائيجِ، اُتي آءٌ نه اچٽو.

7

جيكِي ڏَڏَنِ ڏي، ڳُجِهيان ئِي ڳُجَه □؛
سي جي سُڻَنِ كَڏَهِين، كِرِتِ وارا كي؛
ته ساڙَ مِڙوئي سي، هُوندَ پِٿون كَنِ پَلَكَ □.

8

اُتِ كِرِتِ وارا كيتِرا، كِرِتِ كَبو كوهُ؟
جيكِي بَندو كَمُ كري، سو مِڙوئِي ڏوهُ؛
تون پارِسُ، آءٌ لوهُ، جي سَچِين ته سونُ ٿِيان.

9

اُٿِيو اَبوجهاءُ، سَپَڙَ جو سَڌُ ٿِيو؛
جِئَن اَئِين كِيرَتَ كَٿُ نه سِكِيا، تِئَن پاٽا رِيڏو راءُ؛

سُر ڏهر

داستان پهريون

1

ڪَرِ ڪي ڳالهڙيُون، ڪَنڌا! ڍورَ ڏَٽِـيُنِ جُون؛
ڪِئَن سي راتَڙِيُون، ڪَنهِن پَرِ ڏِينهَن گُذارِئين؟

2

جان تو هُئَڙو سُورُ، ڪَنڌا! ڍور ڏَٽِـيُنِ جو؛
متي لامُنِ ٻُورُ، موريءَ مَڃَرَ نه ڪَرِئين.

3

ڪَنڌا! تُون ڪيڏو، جَڏهِن پَرِيو ڍورُ وَهي؟
جَسودَنِ جيڏو، تو ڪو گَڏِيو پَهِيَڙو؟

4

سَچُ ڪِ سُڪو ڍورُ، ڪنڌِيءَ اَڪَ ڦُلارِيا؛
جُنگَنِ چَڏِيو زورُ، سَرُ سُڪو، سُونگي گيا.

5

سُڪِي ڍورُ ڏَيُون ٿِيو، ڪنڌِيءَ ڏِنو ڪائو؛
سو پاٽي پَتِيهَلَ □، اڳِيون نه آيو؛
ماڙُهنِ ميڙائو، ڪَنهِين ڪَنهِين پيٺِئين.

6

ڍورُ نه اڳِـينءَ ڍارَ، مهَندِ مَلاحَنِ لَکِيو؛
موڙي چوڙِيا مَکُڙا، پَسِي پاٽيءَ پارَ؛
□ جَسودَنِ جيها يارَ، پِيَڙا وِيرَ وِماسَ.

7

جان واهُڙَ □ وَهُ، تان تون، مَڇَ! نه موتِئين؛
ڪائي □ ڪوه ڪَرِئين، پوءِ موٽَڻَ جو پَهُ؟
سِرَ مَتي تُون سَهُ، مَهِميزُون مَلاحَنِ جُون.

8

جان جَرُ هُئَڙو جالَ، تان تُون، مَڇَ! نه موتِئين؛
پَوَندِيَءِ اَج ڪِ ڪالَ، سانپويُون سانگَنِ جُون.

9

جان جَرُ هُئڙو سِيرَ، تان تُون، مَڇَ! نه موتِئين؛
آڏا آڏي ڪِيرَ، گهٽَ به جَهـلِيَءِ گهاتُئين.

10

سُر بلاول

داستان پهريون

1

وِسَهُ اِنَهِين وينَ ڪي، جِئَن دَعوَتَ ڪِي داتا؛
مَضَمَضَ واتا، وِجُهه ته ڏيئِي واتَضَ.

2

پيُ مَ طَهُورا، وانءُ اورانگهي اوريان؛
وِچان جي وِصالَ ڪي، سي سَڀِ اُجُورا؛
حاصُلُ حُضُورا، سَمي جي سَڀِ ٿِـئي.

3

سَما! تو سِرَ ڇَٽُ، ناتَ پاڳارا رُسَ بِيا؛
ڳَـهَڻَ! تُنهِنجي ڳِجَڙي، اچي جالَ جَڳَٽُ؛
جِنِ جيها ئِي پَٽُ، تِنِ تيها ئِي بِڪِيا.

4

سِمو تِنِ سَڏَ ڪـري، جِنِ تي وڏو ويرُ؛
اُٺي ته آجِي ٿِيان، پائي پاڪوڙي پيرُ؛
تو رِءَ بِيو ڪـيرُ، سَرَٽِيُنِ جا سوٿا سَهي.

5

سَرَٽِيُنِ جا سوٿا سَهي، وَسِيلو وِلَهَنِ؛
لُڏي ڪِينَ لَطِيفُ چئي، اَڳِيان لالُ لَڪَنِ؛
جِتِ ڪـوڙين ڪِينَ ڪُڇَنِ، اُتِ پاٻوهي پَڌِرو.

6

تَڙِ تَڙِ ڪِيمَ تَرَسُ، سَرُ نِهارِجِ سَپَرو؛
ڏِيندُءِ لَڪَ، لَطِيفُ چَئي، راڄَ راهُوءَ جي رَسُ؛
وِلَها جنهن وَنهِيا ڪـيا، پاڳَ تَنهنجِي پَسُ؛
ڪـوڙين لاهي ڪَـسُ، جي ڳالهائي ڳاٺُ ڪٽي.

7

علاؤالدِّينُ آئِيو، ڪَـٽِي چَلِ چُڳِيرُ؛
ڪَنهِين ڪِينَ هِمَٿِيو، ڪانَ جَهـلِيندو ڪـيرُ؟
سُومِرينِ سامَ ڪَنئِي، اَبڙي ڪـَيو اُٺَ پيرُ؛
هو مُهانئِين مِيرُ، پر مَسِتُوراتِنِ مارِيو.

8

سَرَٽِـيُنِ جي سُڪَ لَءِ، سامَ ڪَنئِي سَردارَ؛

http://www.bhurgri.com/bhurgri/sd_shah.php